
عبد جو آواز

عبدالخالق عبد



0344 3919786
0300 3404488
Sahib Khan "SOORIH" Mirani

عبد جو آواز

(شاعري)

عبدالخالق عبد

پاڪيزه پرنٽرز اينڊ پبلشرز حيدرآباد
فون 0221-784386

ڪتاب جو نالو: عبد جو آواز

شاعر: عبدالخالق عبد

پهريون ڇاپو: جولاءِ 2004ع

ڇپائيندڙ: پاڪيزه پرنٽرز ۽ پبليشرز حيدرآباد

ڪمپوزنگ ۽ اسڪيچ: ڪاشف علي برڙو

(اقراء ڪمپيوٽر ٽائپنگ سينٽر نوابشاهه)

فون 0241-62103

لي آئوٽ: وسيم سومرو

ڳاڻيٽو: هڪ هزار

ملھ: 150/- روپيا

ABDE JO AWAZ

(Sindhi Poetry)

Writter By: *Abdul Khalique Abde*

Compsed By: *Kashif Ali Buriro*

Publeshed By: *Pakiza Publication Hyderabad.*

ارپڻا

مان پنهنجي پهرئين ڪتاب عبد جو آواز

جو پورهيو پنهنجي ماءُ

جيجل سهڻي

جي منتن ۾ باجهاري نالي ڪريان ٿو

جنهن مون کي نه رڳو زماني ۾ نالي جي سڃاڻپ ڏني

پر منهنجي جياپي کي پنهنجي اوجاڳن جو

رت به ڏنو

۽ بابا سائين عرض محمد جي وفات بعد

مون کي تعليم جي زيور سان آراسته ڪري

ساجاهه ڏني جو مان نه رڳو جيئڻ جي هنر

پر لکڻ جي هنر کان به آشنا ٿيس

عبدالخالق عبد

سنڌ

شاعري

پبلیشر پاران

عبدالخالق عبد سنڌ جو عوامي شاعر آهي، سندس ڪلام
ريڊيو، ٽي وي تي مختلف فنڪارن ڳايو آهي، جنهن کي گهڻو پسند
ڪيو ويو آهي. ساڳئي وقت سائين جن جي شاعري سنڌ جي سيني
رسالن توڙي ميگزينن ۾ به ڇپجندي رهي ٿي. هو سنڌ جي وچولي
علائقي جو هڪ خوبصورت شاعر آهي.

اسين سندس پهريون شاعرالو مجموعو "عبد جو آواز"
ڇپائيندي گهڻي خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون. اميد ته
پڙهندڙن کي سندس ڪلام گهڻو پسند ايندو.

توهانجو

محمد اختر خان

پاڪيزه پرنٽرز ۽ پبلشرز، حيدرآباد
فون 0221-784386

يادن ساڻ رهاڻيون!

(عبدالخالق عبد جي پهرئين شعري مجموعي "عبد جو آواز" جو مهاڳ)

سنڌي شاعريءَ جو اتهاس سنڌي ٻوليءَ جيترو اتهاسڪ ۽ پراچين آهي. ان جو نه رڳو ماضي شاندار پر حال به گهڻو شاهوڪار آهي. سنڌي شاعريءَ جي حال ۾ شاعريءَ جون ڪيئي ڌارائون وهي پنهنجا پنهنجا رنگ ۽ جلوا پکيڙي رهيون آهن. اهي پنهنجي مقصد ۽ مطلب جي اعتبار کان ڄڻ ڪنهن هڪ مارڳ ۽ هڪ ماڳ جا انيڪ رخ آهن، جيڪي رخ هڪڙيءَ جاءِ مڙي ڄڻ ساڳيءَ حقيقت جو روشن سچ بڻجي وڃن ٿا ۽ حسن درس جي لفظن ۾ ڄڻ ساري سنڌ پرينءَ جو پاڇو بڻجي وڃي ٿي. مون لاءِ سنڌي شاعريءَ جي پڳهه تي عبدالخالق عبد به هڪڙو اهڙو ئي سانورو پاڇو آهي.

سندس چپن جون مرڪون جڏهن مکڻ وانگر رجي. سندس اکين جي ڪنڌن وٽ مڙنديون آهن ته ڄڻ ڏسندڙ جي ۽ ملندڙ جي دل ۾ هڪ سڪون جو لمحو جنم وٺندو آهي. 60 ميل مان وهندڙ "سدا واهه" جي ڪپ تي ويٺل اسان جو هي بزرگ شاعر عبدالخالق عبد واقعي به هڪ عبد ۽ هڪ ٻانهي شخص جهڙو آهي، جنهن لاءِ سچل سرمست فرمايو آهي ته:

، ٻانهن جي مان ٻانهي آهيان ٻاروچاڻي ذات جي،

مون هن کي هڪڙو پيرو نه پر ڪيئي پيرا ٻيٺن جي پاڪر ۾ پري ڏٺو آهي. هو پنهنجي نرم لهجي ۽ هلڪي آواز جيان ڏاڍو ملائم آهي، بلڪ رنگ پوميءَ تي جڏهن هو پنهنجو مترنم غزل يا ڪا ڪافي پيش ڪري رهيو هوندو آهي، ته لڳندو آهي ته ڄڻ نديءَ تي اڇن ٻگهن جا پير تري رهيا آهن يا وري لڳندو آهي ته ڪنهن ڳوٺاڻي واٽ تي ڄڻ ٽليون ٻري رهيون آهن.

عبدالخالق عبد تقريبن ٽيهن سالن کان سنڌي شاعريءَ جا رنگ ائي رهيو



آهي ۽ ڪنهن ڪتن واري، جيان اهان هن جي ڪتن جو سچ نہ لڳو آهي ۽ اڃان هن جون آگريون نہ تڪيون آهن. هو پيشي جي اعتبار ڪان هڪ استاد آهي، هڪ شاعر ۽ هڪ استاد جي حيثيت ۾ هو نہ رڳو علم ڏيندڙ پر علم تخليق ڪندڙ بہ آهي. ان ڪري عبد هڪ ئي وقت ٻن مقدس وابستگين ۾ واڳيل شخص آهي. هو ئئن بہ مان شاعريءَ کي رڳو فن (Art) ئي نہ پر علم (Knowledge) بہ سمجهڻ وارن مان آهيان. ان ڪري منهنجي نظر ۾ شاعري رڳو قافيہ پيمائيءَ جو نالو نہ آهي، بلڪ اها تجربن ۽ مشاهدن جي هڪ اهڙي نچوڙ جو بيو نالو آهي، جيڪا درد جي پرڳنا کان سواءِ ڪڏهن بہ تخليق نہ ٿيندي آهي. ان ڪري شاعريءَ کي هوائي توائي شوق سمجهڻ وارن کي لطيف سائينءَ جو هيءُ بيت ضرور ورد ڪرڻ گهرجي.

پتنگ چائين پاڻ کي تہ اچي آڳ اجهاءِ،
پچڻ گهڻا پچائيا، تون پچڻ کي بہ بچاءِ،
واقف ٿي وساءِ، آڳ نہ ڏجي عام کي.

شاعر ۽ خاص طرح سچو شاعر واقعي بہ عام کي آڳ ڏيڻ بجاءِ عام جي آڳ کي پنهنجي شاعرائي پاند ۾ سهيڙيندو آهي، اهو تاريخي اعتبار کان نہ رڳو شاهہ لطيف جو پرفيدرڪ نتشي جو بہ پوئلڳ هوندو آهي، جنهن کان پڇيو ويو تہ جيڪڏهن ڪنهن ڪمري کي باهہ وڪوڙي وڃي، اتي بار بہ هجي ۽ ڪتاب بہ، تہ تون سڀ کان اول ڪنهن کي ڪڍي ايندين ! تہ هن وراڻيو هو سڀ کان اول باهہ ڪڍي ايندس.

اها باهہ جيڪا ورهين کان سنڌ ۾ ٻري رهي آهي ۽ هر دؤر جا شاعر ان باهہ کي پنهنجي پنهنجي وس ۽ وت آهر پنهنجي پنهنجي شاعرائي پاند ۾ سهيڙڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ۽ باهہ اُجهامڻ بجاءِ تهان وڌيڪ ڀڙڪي رهي آهي. ان ڪري سنڌ جي اڄوڪي شاعر جي ذميواري اڃان پوءِ وڌيڪ ٿي وئي آهي.

عبدالخالق عبد جي شاعريءَ جو لباس زرعي آهي، اها ٻي ڳالهہ آهي، تہ هن جي شاعريءَ تي روايت جو اثر وڌيڪ آهي، اهو اثر جنهن کي ڪشن چند بيوس



ننڍڙا جديد نظم لکي نوازيو هجو ۽ اهو اثر ڪڏهن ڪڏهن ٿي تڻي ٻه چڪو هو. پر شايد ڪافي جديد مڪمل طور تي پنهنجي روايت کان پاڻ آجا نه ڪري سگهندي آهي. بلڪه هڪ سطح تي جديد لاءِ روايت جو سنگم ضروري ٿيندو آهي، جو نه ارتقا رڳو چال ذريعي نه پر مسلسل ٿيندي آهي. بلڪه منهنجي نظر ۾ چال رڳو نظريا ۽ انقلاب ڏيندا آهن. باقي ادب، ثقافت، نفسيات يا سماجيات جي ارتقا مسلسل ۽ لڳاتار انداز ۾ ٿيندي آهي ۽ ٿيندي رهندي آهي.

عبدالخالق عبد جي ڪافي کان سندس شاعرانو تصور ڪٽڻ چاهيندس:

تون منهنجي اکين ۾ ويٺو آن !
۽ دل جي صحن ۾ ويٺو آن !

سنسار جي ڪهڙي ڪند ۾ هجين،
پل ڪنهن به جزيري ۾ تون لڪين،
ڪنهن پيٽ ۾ پل گمنام رهين،
جڳ منهنجي وطن ۾ ويٺو آن !

هيءَ ڪافي پنهنجي اظهار ۾ پاڻ گواهي ڏئي ٿي، ته اها انٽرنيٽ رليٽيڊ سماج ۾ لکي وئي آهي ان جو اظهار اڳوڻيءَ ڪافيءَ کان گهڻو گهڻو وسيع آهي جو رڳو قافين جي پٽڄو شڪار نه آهي بلڪه نظم جي اظهار جيان گهڻو گهڻو کليل آهي، عبد ڪي ڪافيءَ جي ههڙي اظهار کي وڌيڪ وسيع ڪري ٿو آهي ۽ ڪافيءَ جي روايت مان پرانکهون پري ٻاهر نڪري ٿو آهي. اها روايت جنهن ۾ مصنوعي قافين کان اورني رهجي وڃي ٿي، عبد جي هيءَ ڪافي به پڙهڻ ۽ جهونگارڻ جهڙي آهي :

اڄ مرڪ نه مند ملهار ٿئي
دل باغ و باغ بهار ٿئي



هن ڪافي، جي مُکڙي ۾ باغ و باغ بهار جي ترڪيب بنهه خوبصورت ۽ مترنم آهي، ان ۾ واءُ عطعي ايش گم ٿي وڃي ٿي. جڻ پاڻيءَ جي اجري گلاس ۾ چمچو. ڪنڊ گم ٿي ويو هجي. ڪافيءَ جو پهريون بند به جڻ ڪنهن گيت جو ٻولُ آهي. اچو ته پڙهي مزو ماڻيون :


تنهنجي مرڪڻ ۾ آ مناڻ منا ،
تنهنجي ڪلڻ ۾ خوشبو ڪاڻ منا
پڻ مرڪي هاڻ جو هاڻ منا
نئون نينهن لڳي نئون پيار ٿئي

بند جي آخري سٽ جو آخري اڌ "نئون پيار ٿئي" ڪيترو نه حسناڪ ۽ جديد تصور آهي اهو تصور صديون پوءِ به جديد ئي هوندو ۽ ان کي ڪابه روايت جي لت لتي نه سگهندي

عبد جون ڪي ڪافيون ۽ ڪن ڪافين جون ڪي سٽون ته گهڻو جديد آهن، پر هن جون وڏيڪ ڪافيون روايت جو اولڙو آهن.

دراصل ڪنهن به شاعر کي اسين هن جي سماجي ماحول کان ڇني نٿا سگهون، بلڪ اهو ته جتي ڪٿي اُبڙڪا ڏيئي ظاهر پيو ٿيندو آهي ۽ اوبارا ڪڍيو پڌرو پيو ٿيندو آهي. جيئن عبد جو سماجي ماحول سندس واين ۾ اڪثر جهلڪندي نظر اچي ٿو :

گدري وانگر هاڻ !
قارون قارون آ پرين !



نينهن نياپا بند ٿيا،
تڏهن تہ چپ آ ڪانءُ!

يوي ٿو پارو،
هاري گهڙي پيو اڏ۾

گل جي پاڪر ۾
مرڪن ماڪ ڦڙا پيا

عبدالخالق عبد جي مشاهداتي زندگيءَ جا هي ٿورڙا مثال آهن، جن جا اُهڃاڻ هن پنهنجي شاعريءَ ۾ قيد ڪري ڇڏيا آهن ۽ پنهنجي هن جي زرعي زندگيءَ جا هزارين مثال آهن، جن کي عبدجي شاعرائين اکين جو اجاانتظار رهندو عبد جي وائي نہ رڳو پنهنجي اظهار ۾ پر پنهنجي فني بيهڪ ۾ بہ ڪافي پختي آهي ۽ اها موضوعاتي اعتبار کان نباهہ کان باهڙي ناهي، خاص طرح سندس هيءَ وائي سندس ڪلاسڪ اپياس جو پرتوو نظر اچي ٿي، ان ۾ احساس جي جيڪا شدت آهي، اها پڙهندڙ کي بہ اجارو ڪري ڇڏي ٿي:

تو ۾ منهنجو ساهہ،
ڪيئن مان ٻليان آسرو

تولئہ وانئون ويهہ پر
مون لئہ ناهي واهہ
ڪيئن مان ٻليان آسرو

رڳو قافيي جي غير آهنگي ڪٿي ڪٿي ان کي بي زيب ڪري ٿي، هڪ



جاء تي اچي هن جي وائي صوفي منش کي سنڌ جي سورن ۾ رڱي ڇڏيو آهي، جيئن صوفي شاهه عنايت کي بظاهر سندس دشمنن رت ۾ ڳاڙهو پر اصل ۾ ڪيس پنهنجي عشق رڱي ڇڏيو هو!

مون موٽ حق موجود!
سور سيراندي، پور پيراندي

دل چاهي ٿي ته هن وائيءَ جي مڪڙي تان اجان به معني جا تهه لاهجن، کهڙو نه لاثاني مقصد آهي هن وائيءَ جو ته اي ميان! مون وٽ حق موجود جو مطلب صرف ۽ صرف سور آهن، اهي جيڪي پورن جيان منهنجي سيرانديءَ به آهن ۽ پيرانديءَ به آهن يعني مون وٽ سورن جي موجودگيءَ جو ٻيو نالو ئي حق موجود آهي، جي اڄ فقير جانڻ چڻ جيئرو هجي ها ۽ ڪنهن صوفي راڳيءَ واتان هيءَ وائي ٻڌي ها ته، ان جي نرڙ تي ضرور چمي ڏي ها ۽ مان پڻ شاهه عنايت کي اکين ۾ ساري هن وائي کي چمي ڏيان ٿو؛
هي وائيءَ جو مڪڙو ڪيترو نه سادڙو ۽ وڻندڙ آهي،

تنهنجي خطن مان،
تنهنجي خوشبو ايندي آهي،

۽ مون کي هڪ ئي وقت نارائڻ شيام ۽ استاد بخاري پنهنجي پنهنجي شعرن سميت ياد اچي ويا آهن،

شايد تنهنجا وار پنل ها،
خط جي خوشبو هي به ڏسيو پي،
(نارائڻ شيام)



تنهنجي خوشبو پڙهان خطن واگي،
تنهنجا نيايا چمان چپن وانگي.
(استاد بخاري)

جيئن سنڌي شاعري اميد جو ڦهليل دامن رهي آهي، تيئن عبد به پنهنجي شاعريءَ جي دامن مان اميد کي اڏامڻ نه ڏنو آهي، سندس غزل جو مطلع آهي:


چمڪندڙ تارا چون ٿا، آسرو لاهي نه ويهه !
مون کي هي چارا چون ٿا، آسرو لاهي نه ويهه !

جيتوڻيڪ عبد جي گهڻن غزلن پڙهڻ کان پوءِ مان هن جي غزل بابت وڌيڪ خوش فهم ناهيان، بلڪ هن کان اها تقاضا به ڪريان ٿو ته هو پنهنجي غزل جي رنگ کي وڌيڪ گهري ۽ گهاٽي ڪرڻ لاءِ ڪجهه وڌيڪ ڪوشش ڪري پر جڏهن مان هن جي مٿئين مطلع واري شعر ۾ چارن کي ڪجهه چوندي ٻڌان ٿو ته منهنجي نظر عبد جي شاعرانه سونهن ڏانهن وڌيڪ ڪسڪڻ لڳي ٿي، جو ته اِتي ئي شاعري اجائي بيان مان نڪري شاعرانه تصور (Poetical Vision) اختيار ڪرڻ شروع ڪري ٿي ۽ عبد لکڻ شروع ڪري ٿو :

زخم دل جا ڦٽي ساوا ٿيا هن،
وري ٻيهر چڪي ساوا ٿيا هن.

آسرن جي بحر کان پيو مان پڇان !
ڇا نصيبن ۾ نه آ ساحل مون ڪي ؟

عبد جو غزل ڪافي روان ۽ مترنم آهي، هن وٽ ٿوري مقدار ۾ سهي پر



غزل جو پنهنجو خوبصورت شاعراڻو تغزل آهي. منهنجو خيال آهي ته شاعريءَ جي ڪابه هڪ سٽ تخليق ڪرڻ ايتري ڏکي نه هوندي آهي، پر ٻي سٽ ئي شاعر جو ۽ هڪ سٺي شاعر جو امتحان هوندي آهي. اها دراصل ائين هجڻ گهرجي جيئن هڪ ٿاريءَ مان ٻي، ٿاري ڦٽي، فطرت جو زنده احساس ڏيندي آهي.

ياد ٿئي موهن دڙي جي سير تي !
هٿ هٿن ۾ ڏئي هلڻ هو حادثو.

هير جا جهونا چون ٿا، سرنهه جي سُرهاڻ چئي ٿي،
ڪي پڪي پيارا چون ٿا، آسرو لاهي نه ويهه !

تنهائي ۾ سون سان مرڪي،
هر هر گوڙها ڳالهائن ٿا.

عبد جا ڪي شعر جدت جو اعليٰ نمونو آهن، جيڪي مان هن جا غير متوقع Unexpected شعر چوان ٿو، جن کي پڙهي اعليٰ درجي جي پڙهيل شاعري منهنجي اکين اڳيان تري اچي ٿي:

تڪيل ڪر به ميوو نه هو باغ ۾،
مون سمجهيو نه ٻڪ سان پڪين کي آ روزو.

مون جي لڪيا، لڪان ٻيو، لڪندو سدائين رهندس،
لفظن جا پير روڪيو، روڪي نه ٿا سگهو.



امیدن جا پوکي چڏيا مون اندر ۾،
اهي ڏس اچي تون فصل خوبصورت.

خار تہ جهول ۾ چنبڙن ٿا پيا،
جهول ڇڏڻ سان گل ڪرن ٿا.

آخري شعر جو مشاهدو ڪيترو نہ فطري، ڪيترو نہ منطقي ۽ ڪيترو نہ خوبصورت آهي، عبد جي شاعري جتي مشاهدن جو نچوڙ آهي، اُتي هن جي يادن جو بہ ثمر آهي.

تنهنجي يادن سان رهائيون،
روز رچايان ڳوڙها هاري.

تو بيڪار سمجهي ڇڏي آ ڏنو،
پرين هڪڙو جوکر پتو مان نہ هوس.

۽ سچ بہ اهو آهي تہ، نہ عبد جي شاعري بي معنيٰ آهي نہ وري هو پاڻ، بلڪ هو تہ پنهنجي شاعريءَ جي مثيادار معنيٰ. سان هم آهنگ رهڻ جا جتن ڪندڙ شاعر آهي، ايئن بہ آهي تہ عبد جو غزل بيان جو وڌيڪ شڪار آهي، ان جو سبب بہ سندس ماحول آهي، هڪ ٻهراڙيءَ جي شاعر کي شهر جي شاعر کان وڌيڪ عام بيان جي مسئلن جي سامهون اچڻو پوندو آهي. ٻهراڙيءَ جو شاعر رڳو ڪتابن ۾ ڇپائڻ لاءِ شعر ڪونہ چوندو آهي هن جا ٻڌندڙ پڙهيل گهٽ ۽ عام وڌيڪ هوندا آهن، تہ شاعري ڪرڻ وقت شاعر جي مٿان بيان جي معاملي ۾ ڪيترائي خودرو دٻاءُ بہ هوندا آهن. ان ڪري هن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ بيان جي سلاست کي وڌيڪ



قائم رکٹو پوندو آهي، شايد اهو ئي سبب آهي تہ عبد جي غزل ۾ بيان جي سلاست تہ آهي پر اُن ۾ تغزل جي ڪمي آهي ڪميءَ جو مطلب تہ اُن ۾ ڪٿي ڪٿي اها آهي، هي شعر ڏيان ڇڪائيندڙ آهن:

لڙڪ اکين ۾ ٽڪجي پيا هن،
لفظن چپن ۾ ٽڪجي پيا هن.

غم کي غذا ٿو سمجهان ،
ڏاڍا مزا ٿو سمجهان.

سمهي چنڊ پيو هو، ستو مان نہ هو س
تنهنجي راهہ ڏسندي ٿڪو مان نہ هوس

لفظن ۾ ٽڪجڻ، غم کي غذا سمجهڻ نيون ترڪيبون آهن، اهڙي کوجنا عبد کي وڏيڪ ان ڪري بہ تيز رکٿي آهي جو هُو چانڊوڪيءَ ۾ راهون ڏسندي ڏسندي بہ ٽڪجڻ جو قائل ناهي ۽ هُو مسلسل سفر کي وڌيڪ اهميت ڏي ٿو. سندس اهو سفر جيتوڻيڪ ٻهراڙيءَ جي موزون زندگيءَ کي وڌيڪ ويجهڙو آهي، پر هو شهري جيون جي رنگن کان بہ پنهنجو احساساتي رشتو بچائي نہ سگهيو آهي اها شڪايت هن سان پنهنجي جاءِ تي تہ هن وٽ بيانيہ شاعري وافر مقدار ۾ آهي پر هو جڏهن وٽن کي هڪ وڏي مهارت سان پنهنجي شاعريءَ ۾ سجائي، ٿو تہ هو ڇڻ شاعريءَ جي گهاڙيٽن ۾ نئين زندگي تخليق ڪري ٿو:

ڪلهہ دوست هئو ۽ اڄ،
چاقو ٿو ڪڍي ور مان.

هن ۾ احساس ناهي ڪو،
ڇڻ فيوز ڪو بلب آهي .



مشين وانگي مصروف آهي هي ماڻهو!
ڪچهريون مجاڻي صروري نه ناهي!

ياد جي زنجيرن سان جنڊڙي،
آهي جڪڙيل جڪڙيل سائين!

جاڳيا آهيون عبد اسان پي،
بارن هٿ ۾ ٿيلها آهن.

رکيم ياد کي دل جي شوڪيس ۾،
حياتيءَ کان يادون پياريون رهيون،

مٿين شعرن ۾ چاقو، فيوز بلب، مشين، زنجيرون، ٿيلها ۽ شوڪيس زندگيءَ جا جديد استعارا آهن، جيڪي عبد پنهنجي شاعريءَ ۾ رڳو سمايا نه آهن پر اهي هن شاعراڻي اچل سان پنهنجي مشاهدي جا چڻ شاعراڻا اهڃاڻ بڻائي ڇڏيا آهن.

عبد جي شاعريءَ جو هڪ حصو اهڙو به آهي، جيڪو رڳو جمالياتي احساس سان ڀرپور نه آهي پر اهو ساڳئي وقت سُجاڳ جذبن جي به ترجماني ڪندڙ آهي، اهڙو هڪ چرڪائيندڙ شعر:

ڪاري نه نه آهيان پر، ٻڌ پاءِ منهنجا منڙا!
چپ چاپ ۾ ماري ڇڏ، رشتا نه پون جاڳي!

اها رڳو هڪ شعري صورت نه پر هڪ سماجي بيحسيءَ جي به تصوير آهي، جا حساس ماڻهوءَ جي اندر ۾ ولوڙ پيدا ڪري ڇڏي ٿي.



عبد ٻين صنفن سان گڏ گيت ۾ لکيو آهي، هن ان ۾ پنهنجي مرغوب موضوع محبت کي ڌيڪارن جو جنس ڪيو آهي.

جيون کي جرڪائڻ وارا
ڪاٿي آهين ڪاٿي پيارا

تنهنجي هٿ ۾ دل جي ڏور
زور آهين تون ساجن زور

گيت فطرت جي حُسنا ڪيئن ۽ انساني فطرت جي نازڪ احساسن جو گڏيل اظهار هوندو آهي ان جا هزارين موضوع ٿي سگهن ٿا. عبد جڏهن انهن جي حسين جزيري ۾ لهندو ته هر پيري وڏيڪ گيتن جا نوان جهول پري ٻاهر ايندو. هن جي جهول ۾ هي جيڪي گيت آهن، آهي به ردم ۽ رنگن جو امتزاج رکن ٿا:

اڇو اڇو وفا ونو
اوهان پلي جفا ڏيو

ساڳيا ساڳيا موضوع نئون رُخ تڏهن وٺي سگهن ٿا. جڏهن انهن جي گهڻن رشتن ۽ گهڻن لاڳاپن جي انوکائپ توڙي حيرت تي سوچبو ۽ ڪليل ڊيري کي ٿورو اڃان وڌيڪ کولڻ جو جتن ڪبو. اها ساڳي راءِ مان عبدالخالق عبد جي نظمن ۽ هائڪن لاءِ به رکان ٿو. اهو ڪو عيب ناهي ته موضوعن جي ساڳيائپ آهي پر موضوع کي پنهنجي ذاتي شاعراڻي نگاهه سان اُکولڻ جي ڪمي ضرور آهي ۽ اها پوري صرف تڏهن ٿي سگهي ٿي، جڏهن پنهنجي تخليق کي بار بار پڙهبو ۽ بار بار ان جي سونهن اسونهن تي ويچاربو ۽ بار بار ان ۾ پنهنجي مشاهدي جي تلاش ڪبي.




پاڙهي وڻ ويڙهه
پوڙهي وڻ جي ڇانو ۾
مٿان ڪري ڏار

هي هائيڪو عبد جي مشاهدي جو زنده مثال آهي. اهڙا ڪيئي مثال عبد جي ذهن ۾ موجود هوندا. (جن منجهان ڪيترن جا مثال پيش به ڪيا اٿم) اجان روڏيڪ تخليقي مثالن کي تخليقي اُچل سان ٻاهر اچڻو آهي.

عبد جي شاعري پنهنجي هڪ دگهي سفر کان پوءِ پنهنجي پڙهندڙن جي اڳيان اچي رهي آهي. هن کان اڳ مختلف رسالن کان سواءِ ريڊيو جي ذريعي به هن جي شاعري پنهنجو هڪ الڳ رنگ ڄمائي چڪي آهي ۽ پنهنجي پڙهندڙن کان سواءِ عبد پنهنجي ٻڌندڙن (Listeners) جو هڪ مخصوص حلقو پڻ جوڙي چڪو آهي. پر هاڻ هن جي شاعريءَ جي هڪ ڪتاب جو ڀاڳ به لکجي رهيو آهي ۽ ڀاڳ جي لپ مون کي به نصيب ٿي آهي ته مون هي سائين عبد جي حڪم موجب ان ڪتاب جو مهاڳ لکي ورتو آهي مان آخر ۾ التماس ڪندس ته پڙهندڙن کي مهاڳ جي روشنيءَ بجاءِ پنهنجي دل جي روشنيءَ ۾ هيءَ عبد جو آواز اڀياس ڪرڻ گهرجي. جنهنکي خود عبد پنهنجي دل جو ڏيئو جلائي تحرير ڪيو آهي.

وسيم سومرو
نواب شاهه

4 اپريل 2004ع



سونهن سڪ ۽ پريت جو ڪافي گو شاعر عبد الخالق عبد

سنڌسجي هيرن ڪاڻ آهي، ڪينجهر ڪان ڪارونجهر ۽ ڪشمور ڪان ڪيٽي بندر تائين، هيءَ واديءَ مهراڻ، موتين ۽ ماڻڪن جهڙن مخبوب ماڻهن سان پري پئي آهي. جن جي من مهڪائيندڙ مهڪ سان سجوڙايو منڊل واسيل آهي. سر زمين سنڌ صدين کان اوليا ولي صوفي صادق، اديب شاعر، دانشور، فنڪار، صداڪار ۽ ڏاها ڏات ڏئي پيدا ڪندي رهي آهي، اهڙن ئي پريم نگر جي پيارن ماڻهن مان. اسان جو پلوڙ شاعر عبدالخالق عبد به آهي، جنهن خوبصورت غزل، گيت ۽ نظم سرجيا آهن ته ساڳي وقت سنڌي شاعريءَ جي "جهومر" صنف ڪافي به لکي اٿس. جيڪا حال حيات شاعرن مان صرف ڪي چند صاحب ئي لکي رهيا آهن نه ته اڪثر شاعر هاڻ رڳو غزل طرف ئي مائل آهن جن جو انگ هزارن ۾ آهي.

عبدالخالق عبد صاحب جي زير نظر ڪتاب عبد جو آوازِ ڪافيون بہ آهن پاڻ پنهنجي محبوب ڏانهن خط لکي عشق جا احوال ته اورڻ گهري ٿو پر خط لکڻ تي به محبوبن طرفان يا ريساڙن رقيبن طرفان منع ڪرڻ تي چوي ٿو:

. لکان خط مگر آ لکڻ تي بہ بندش،
وجي حال اوريان، وجڻ تي بہ بندش .
نہ قاصد پڄائي سگهان ٿو مان هاڻي،
نڪي خط رسائي سگهان ٿو مان هاڻي .
پڄان پاڻ جيڪر، پڄڻ تي بہ بندش .

وري ٻي ڪافيءَ ۾ سهڻي سان سرچاءَ ۽ پيار پرئي پرچاءَ بابت نهايت ئي خوبصورت انداز ۾ چوي ٿو:

اچ پاڻ پئي ٺهراءُ ڪريون ،
چو الفت ۾ ٽڪراءُ ڪريون .



مزو ڏاڍو اهي الفت ۾
پلا چاهي ڪيني ڪلفت ۾
جيڪڙي محبت وارو جنت ۾
جو نہ پان ويهي پر چاہ ڪريون.

عبد صاحب هڪ ڪافيءَ ۾ اقرار تہ ڪري تہ آئون جو ڪجهہ بہ آهيان، منهنجا محبوب تنهنجي ڪري آهيان چوي ٿو:

تنهنجي نالي سان مشهور آهيان
مان تنهنجو منا مشڪور آهيان
منهنجي سر جو آهين سائين تون
اتئي پارت توڙ نپائين تون
مان تنهنجي اڳيان مجبور آهيان

ڪافي جا گهاڙيٽا بہ ڪيترائي آهن جيڪي ڪافي گو شاعر ئي ڄاڻن ٿا عبدالخالق عبد چوي ٿو:

تون منهنجي اکين ۾ وينو آن،
سنسار جي ڪهڙي ڪنڊ ۾ هجين
پل ڪنهن بہ ٻڙيري ۾ تون لڪين.
ڪنهن بيٺ ۾ پل گمنام رهين ،
جن منهنجي وطن ۾ وينو آن .



عبدالخالق عبد صاحب ڪافيون ڪتاب ۾ لکي سچ پچ ته نون شاعرن کي پيغام ڏنو آهي ته سنڌ جي صنف ڪافي به لکو. مثال ايئن نه ٿئي جو اڳتي هلي اها صنف ئي ختم ٿي وڃي. ساڳي وقت آئون ته نون شاعرن کي اهو به عرض ڪندس ته ڪافيون لکو ۽ لوڪ داستانن مسئلن عمر مارئي، نوري ڄام تماچي، سهڻي ميهار، سسئي پنهون وغيره تي به شاعري ڪريو نه ته اهي داستان ئي وسري ويندا. آخر ۾ عبد صاحب کي پنهنجي شاعري جي ڪتاب ڇپائڻ جون لک لک مبارڪون.

سيد مرتضيٰ ڏاڏاهي



ٻوليءَ جي جهولي ۾ نوان قول

عبد، ڪنهن تعارف جو محتاج ناهي، ڇو تہ جنهن شاعر کي جلال چانديي جهڙي ملڪان ملڪ مشهور جڳ فنڪار جهجهـي تعداد ۾ ڳايـو هجـي ان کـي وڏيـڪ مشهوريءَ جي ڪهڙي پرواهہ. عبد بہ چيو آهي تہ :

تنهنجي نالي سان مشهور آهيان
مان تنهنجو منا مشڪور آهيان

مون سوچيو تہ مان بہ ڪجهہ عبد جي شاعريءَ تي لکان، ڇو تہ

تنهنجي منهنجي محبت ساڳي،
سال ٿيا پر سنگت ساڳي.
مند بنا برسات وسائڻ،
عبد اکين جي عادت ساڳي.

عبد جو هڪ ڪلام آهي تہ:

تنهنجي ڪاوڙ ۾ آ قرب گهڻو،
تنهنجو پيار الائي ڇا هوندو.

انهيءَ ساڳيءَ ڪافيءَ جي هڪ مصرع، جيڪا مون کي گهڻو وڻي آهي دل چاهي تہ اوهان کي ٻڌايان. تہ ٻڌو !



ري، سرمي تنهنجو اکيون ڪهن.
ري، لالي، تنهنجا لبڙا ٿهن.
توکان مکڙيون مرڪڻ روز سکن.
سينگار الائي ڇا هوندو.

مٿئين بند ۾. توکان مکڙيون مرڪڻ روز سکن واري سٽ هر وقت هاڻ، تي هر ندي رهي ٿي ۽ ڏاڍي پسند پئي اٿم سندس هڪ ٻئي ڪلام جو بند به ٻڌو جيڪو گهڻو وڻندڙ آهي:

ٿنا گر ٿنا ۾ پلا ڇا لکي.
نه ٿي ڪنهن سان تشبيهه تنهنجي لڳي.
تنهنجون مهربانيون ڳڻڻ کان مٿي.
لکڻ کان ڇوڻ کان. ڪٿڻ کان مٿي .

مان ڪجهه تڪڙ ۾ پنهنجي ڳالهه پوري ڪري رهيو آهيان، ڇو ته عبدالخالق عبد جي قول مطابق ؛

ڇا خبر آهي سياڻي ڇا ٿئي
بيوفا آ بيوفا هيءَ زندگي

مون کي يقين جي حد تائين پڪ آهي ته عبد صاحب بهتر کان بهتر جي تلاش ۾ سدائين محنت ۽ لڳاتار جاکوڙ جاري رکندو ۽ ٻولي، جي جهولي، ۾ نوان قول وجهڻ لاءِ ڪنڊن جا عذاب ڀوڳڻ واسطي به هر وقت تيار رهندو. منهنجون دعائون ۽ نيڪ تمنائون هن سان گڏ آهن

راشد موراڻي



عاشق ڏسڻ ۾ آيو محبوب گل سناسي

غزل جي فارميٽ ۾ ڪافي جي مواد کي بهتر انداز ۾ سچل سائين انٽروڊيوس ڪرايو آهي. ان ڏس ۾ نمائنده تجربو سنڌي سگهجي ٿو. ان کان پوءِ ٿورن شاعرن سچل سائين واري انهي تجربي کي آزمايو آهي خاص ڪري هلندڙ ٿهيءَ ۾ سيد مرتضيٰ ڏاڏاهي ۽ عبدالخالق عبد جن جي شاعري غزلن ۾ ڪافي جي شاعري جهڙي فضا ملي ٿي. مثال عبد جي هڪ غزل جا ٻه بند.

پتو توکي پرين آهي پيو بيمار مان آهيان.
عجب آهي پڇڻ کان وئين. اسان جو ڏوهه ڪهڙو آ.

نصير مرزا
ريڊيو پاڪستان حيدرآباد



موسيقيءَ جو درياهه شاعر عبد

شاعري فن ۽ فڪر جو هڪ خوبصورت گلدستو هوندي آهي ۽ خوبصورت گلدستو ناهن هڪ بادوق ماڻهوءَ جي ئي وس جي ڳالهه هوندي آهي اهڙي ئي فني ۽ فڪري ڪاريگريءَ جو ماهر هڪ نفيس ۽ نازڪ طبع انسان سائين عبدالخالق عبد به آهي. جيڪو هڪ ئي وقت هڪ بهترين ۽ ڪهنه مشق شاعر به آهي ته هڪ بهترين انسان به. مان عبد صاحب جي هن شعري مجموعي عبد جوآواز ۾ سندس شاعريءَ مٿان ان ڪري وڌيڪ خيال آرائي ڪرڻ جي جسارت نه ٿو ڪري سگهان جو هو هڪ استاد شاعر آهي ۽ هر لحاظ کان منهنجي ٿهيءَ کان وڌو شاعر آهي. ان ڪري هڪ انتهائي ننڍو شاعر هڪ وڏي شاعر جي شاعريءَ مٿان راءِ زني ڪري اهو ايئن لڳندو جيئن سج کي آرسي ڏيکارڻ. ان لاءِ مان عبد صاحب کان ان ڳالهه جي معافي وٺندس. باقي مونکي ان ڳالهه مٿان خدا جيترو ويساه آهي ته عبد صاحب هڪ مڪمل شاعر آهي. سندس شاعري فني ۽ فڪري اعتبار کان نهايت سگهاري آهي. سندس شاعريءَ کي نيث ادبي صف ۾ به بهاري سگهجي ٿو ته عوامي صف ۾ به عبد صاحب شاعريءَ جي تقريبن مڙني صنفن مٿان طبع آزمائي ڪئي آهي ۽ ڪيس شاعريءَ جي فني گهاڙيٽي مٿان مڪمل دسترس ۽ قدرت حاصل آهي ڇاڪاڻ جو هو قابل استادن جو قابل شاگرد آهي ۽ وري هڪ ئي وقت ڪيترن ئي قابل شاگردن جو نهايت قابل استاد. منهنجي خيال ۾ شاعري محض لفظن جي جڙاءَ ۽ پراءَ جو نالو ڪونهي پر ان جڙاءَ ۾ هڪ ترتيب، سٽاءَ، خوبصورتي ۽ مناسب استعمال ۽ مقصديت ئي شاعريءَ جو نالو آهي ۽ عبد صاحب جي شاعريءَ جو گهرائيءَ سان مطالعو ڪنداسين ته اسان کي سندس شاعري اندر شاعريءَ جون سڀئي خوبيون ۽ سهارنون نمايان نظر اينديون. اهو ئي سبب آهي جو عبد سائين هڪ ئي وقت ادبي حلقن ۽ سجاڻ شاعرن ۾ به خاص اهميت، حيثيت ۽ مقام ٿوڙي مڃتا جو مالڪ آهي ته عام ماڻهو به کيس هڪ محبتي ۽ پنهنجي پسند جو شاعر تسليم ڪري ٿو. شاعري، موسيقيت ۽ ردم کان سواءِ ايئن هوندي آهي جيئن لوڻ بنان ڪا ڀاڄي.



عبد صاحب جي شاعري، ۾ موسيقيت جو دريا، موجزن نظر اچي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو سندس شاعري سنڌ جي ڪيترن ئي ناليوارن فنڪارن ۽ گلوڪارن ڳائي عوامي سطح تي مقبوليت ماڻي آهي ۽ ڀرپور داد حاصل ڪيو آهي. بظاهر ۽ عام زندگيءَ ۾ نهايت خاموش طبع عبدالخالق عبد جي شاعريءَ ۽ ڪلام ۾ انسان جي اندر جا احساس ۽ جذبا ڇوليون هڻندي نظر اچن ٿا. مون وانگر لکين پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن ٻـ جي يقينن اها خواهش هوندي تـ عبد صاحب جو ڪو شعري مجموعو ڇپجي اسان جي هٿن ۾ اچي. اڄ انهن سيني باذوق ماڻهو جي خواهشن ۽ اميدن جي تڪميل ٿي رهي آهي ۽ عبد سائينءَ جو لڳ ڀڳ 25 سالن جو ذهني ۽ قلمي پورهيو هڪ مجموعي جي صورت ۾ پڌرو ٿي رهيوآهي ۽ سندس هي شعري مجموعو سنڌي ادب ۾ هڪ خاص جڳهه والاريندو ۽ مڃتا ماڻيندو.

عبدلخالق عبد سان منهنجي شناسائي هڪ عام ٻڌندڙ ڪان شروع ٿئي ٿي ۽ جلد ئي خاص دوستيءَ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي دوستيءَ وارا ناتا رشتا ڳنڍڻ ۽ قائم ڪرڻ تـ ڏاڍي سولي ۽ عام ڳالهه آهي ۽ دوستيءَ جو دم هڻڻ ڏاڍو سولو آهي پر دوستي قائم رکڻ جاري رکڻ ان کي نڀائڻ ڏاڍي ڏکي ۽ اڄ ڪلهه جي مفاد پرستيءَ واري دؤر ۾ ڏاڍي اڻ لڀ شيءِ آهي، پر اهو وکر عبد صاحب وٽ وافر مقدار ۾ موجود آهي ۽ اهڙي فن کان هو نـ رڳو بخوبي واقف آهي پر شاعريءَ وانگر ان فن ۾ بـ ڪمال رکي ٿو هو پيار ۽ پريت، سڪ ۽ صحبت جو ٻج ڇٽي لاغرض ٿي ويهي ڪونـ ٿو رهي پر پوک پچڻ تائين ان کي وقت سر پاڻي بـ ڏيندو ٿو رهي تـ ان جي سار سنڀال بـ لهندو ٿو رهي اگر ان پوک ۾ ڪو غير ضروري گند گاهه پيدا ٿي بـ وڃي ٿو تـ عبد سائين ان کي وڍڻ ويجهڻ بجاءِ پاڙئون پٽي ڦٽو ٿو ڪري. عبد سان منهنجو نهايت قربت وارو واسطو آهي، هو جسماني طور مون کان ڀلي گهڻو پري هجي پر دلي ۽ روحاني طور ساهه جي نليءَ وانگر ويجهو آهي. هن کي مان نهايت ويجهو ۽ اندر ۾ جهاتي پائي ڏٺو آهي ۽ مون سندس دل جو ٿانءُ هميشه اڇو اجرو ۽ بناوت، مصنوعيت ۽ منافقيءَ واريءَ آلودگيءَ ۽ گندگيءَ کان بلڪل صاف ۽ شفاف ڏٺو آهي. هو دوستن مٿان سر ساهه گهورڻ وارن ماڻهن مان آهي ۽ رشتن ۾ مطلب




پرستيءَ کان پناهه گهرڻ وارن انسانن مان آهي. عبد سائين زندگيءَ کي پيار ۽ پيار کي زندگي سمجهڻ جو قائل آهي ۽ سچل سائينءَ جي ان شعر جي عملي تعبير آهي ته:

سچو عشق پيدا نه ٿيوي
توڙي چٽي هووي ڏاڙهي

هو ٻئي کي پنهنجي ذات ۾ گم نه پر پاڻ کي ٻئي جي ذات ۾ گم ڪري چڙهڻ تي ايمان رکي ٿو، مونکي ان ڳالهه تي فخر آهي ته مان عبدالخالق عبد جهڙي پر خلوص ۽ محنتي ماڻهوءَ جي حلقه احباب ۾ شامل آهيان مان سندس درازي عمر ۽ هن شعري مجموعي جي مقبوليت لاءِ خواهشمند ۽ دعاگو آهيان.

ڪوثر ٻرڙو



حال حبيبان..............!

شاعري اظهار جو حسين ۽ پرڪشش ذريعو آهي. ڪوبہ ماڻهو پنهنجي من اندر ۾ پيدا ٿيندڙ آنڌ مانڌ ۽ نوڙي احساسن کي صرف ۽ صرف شاعريءَ جي وسيلي ئي اظهاري سگهي ٿو. آءٌ سمجهان ٿو تہ شاعري اظهار جو مهذب وسيلو آهي ۽ انهيءَ اظهار ۾ هر شاعر جو پنهنجو پنهنجو انداز فڪر ٿئي ٿو. اسانجي سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ اظهار جو نمائو ۽ عاجزانہ اظهار وري عبدالخالق عبد جي شاعريءَ ۾ نمايان طور ملي ٿو. پاڻ هونئن تہ شاعريءَ جي ڪيترن ئي صنفن تي طبع آزمائي ڪندو رهيو آهي پر عمومن غزل ۽ خصوصن ڪافيءَ ۾ هن پنهنجي اندر جو جرڪندڙ عڪس پسائڻ جي هميشہ مثبت ۽ ڪامياب ترين ڪوشش ڪئي آهي. سندس ڪافيءَ ۾ درد جون لهرون اٿندي محسوس ٿين ٿيون. ٻڌندڙ جڏهن سندس ڪافي ٻڌي ٿو تڏهن ڪيس پنهنجي من جي مونجهہ ميٽجندي محسوس ٿئي ٿي. عبدالخالق عبد ڪي ڪهنہ مشق شاعر نہ بہ ڪوٺجي نہ بہ پاڻ علم عروض بابت گهربل ڄاڻ رکي ٿو نہ رڳو ايترو پر پاڻ علم موسيقيءَ بابت بہ ڪافي ڄاڻ رکندڙ محسوس ٿئي ٿو ۽ اها ڄاڻ ڪنهن بہ ٻڌندڙ کي سندس رڪارڊ ٿيل ڪافي ٻڌڻ سان محسوس ٿئي ٿي. عبدالخالق عبد جو شمار سنڌ جي ڄاڻو ۽ قابل شاعرن ۾ تہ ٿئي ٿو پر سندس طبعيت ۽ مزاج جي نهٺائي ڪيس ميڊيا لسٽ کان پري رکيو آهي. علائقي جا نوجوان ۽ نوان شاعر ڪانئس سکيا وٺندا رهندا آهن. عبدالخالق عبد جتي دستوري عمل کي دهرائيندو رهي ٿو اتي جديد لاڙن ڏانهن بہ ڌيان هرڪا ڏيندو رهي ٿو

بهرام زرداري



سنڌ جو عوامي شاعر سائين عبدالخالق عبد

شاعري، جو رستو، روشني، جو رستو آهي، شاعري، جو رستو زندگي، جو رستو آهي. شاعر پنهنجي شاعري، ۾ زندگين کي روشنين، همتن، حوصلن ۽ محبتن جا پيچرا ڏيکارڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندو آهي ۽ اڪثر اهڙين ڪوششن ۾ ڪامياب بہ ويندو آهي. شاعر جي دل تمام گهڻي حساس ۽ معصوم هجي ٿي. انهي، ڪري شاعر پنهنجي ديس توڙي ڪائنات امن محبت ۽ پائيچارو چاهيندو آهي اهڙن احساسن کي پنهنجي شاعري، جي روپ ۾ آئيندڙ سنڌ جو سماجهو ۽ بيحد مقبول عوامي شاعر سائين عبدالخالق عبد بہ هڪ آهي، جنهن اهڙن سندر ۽ سون جهڙن احساسن کي وائي، ۾ ڪجهه هن طرح ورجايو آهي.

شاعر جو منشور

امن، محبت، پائيچارو

ڪلفت کان ۽ نفرت کان

بلڪل آهي دور

امن، محبت، پائيچارو

جڏهن منهنجي وجود ۾ شعور ۽ عشق جي آمد وارو شروعاتي دؤر هيو، تڏهن کان مون سائين عبد صاحب جي عوامي ۽ عشقيہ شاعري ٻڌي پنهنجي شعور ۽ عشق کي اهي گيت جهونگاري لوليون ڏنيون هيون

عبدالخالق عبد صاحب اهڙن چند شاعرن مان آهي جن کي عوام ڀرپور داد ۽ موٽ ڏني آهي عبد صاحب جيڪو خصوصي طور ڪافي، گيت ۽ طرحي شاعري، جي مقبوليت واري دؤر جو هڪ مقبول شاعر آهي. اهو اڄڪلهہ جون مقبول ۽ جديد صنفون هائيڪو، غزل وغيره تي بہ ڀرپور نموني طبع آزمائي ڪندي جديد دؤر جي حالتن ۽ واقعن جو عڪس ڇٽي ٿو. اوهان بہ عبد صاحب جي هائيڪن ۽



غزلن جو سرسري مطالعو ڪيو:

هاري گهر اونداهه
سائنسي هن دؤر ۾
ڄڻ ته آبيواهه

آهي چو رو ٻاڙ
تڏهن روئي عيد تي
وينو زارو زار

ڪونه اپريو سج،
جوڙو جوٽي آ هليو
ڇٽُو اٿس ٻج

مٽي تي آ پري
ڪڇ ۾ اٿس ڇوڪرو
ٻنيءَ تان وري

هليو آ ڇوڪر،
ماني ٻڌي ڳنڍ ۾
بيٺو آ نوڪر

رنگ رتل آ ڪاٿي آهين،
ميلو مٽل آ ڪاٿي آهين؟



جاڏي ڪاڏي رستن تي اڄ،
خوشبو ڇنيل آ ڪاٽي آهين

توسوا ڪهڙي پلا هي زندگي؟
ڪيئن گذاريان مان جدا هي زندگي

ڇا خبر آهي سياڻي ڇا ٺئي
بيوفا آ بيوفا هي زندگي


تو ڇيو هو غم نہ ڪر ملبو ڪڏهن،
آس ۾ آ دلربا هي زندگي

زهر ايڏو نہ آ پي ڪنهن زهر ۾
جو جيڏو آ جدائيءَ جي پهر ۾

قطارون نيلي آپ تي پيو ڏسان مان
مگر هوءَ ڪونج ناهي ڪنهن ولر ۾

ڪڏهن ماڙين ۽ بنگلن ۾ هئو اڄ
ستو آرام سان پيو آ ڪلر ۾

عبدالخالق عبد صاحب جي شاعريءَ ۾ سنڌ جي، مظلوم ۽ محنت ڪش فرد هاري، جو ذڪر تمام گهڻو ملي ٿو توهان هائيڪا بہ پڙهيا انهن ۾ زياده تر



هارس جو ذڪر سمايل آهي ۽ اهو ذڪر عبد صاحب جي لکيل سن ڪافين ۾ به ملي ٿو. حسن هڪ واٽي ۾ هڪ هاري ڇوڪري لکيو آهي:

ڪرڪي سو ٿاڙه
هاري گهري سوڙ آدم
آهي منهنجو جوڙي
ٿاڻي جو سڀ ڀاڙه
هاري گهري سوڙ آدم

عبد صاحب جن لکڻي جو هن پنهنجي شاعري ۾ هاري کي ايتري اهميت ۽ اوليت ڏني آهي.

حسن جو جلوو، سونهن جي نزاڪت ۽ نفاست، پرينءَ جا ناز ۽ انداز ڏسڻ لاءِ، پرينءَ جو روپ ڏسڻ لاءِ ۽ دل جون اهي ڪيفيتون جيڪي دل کان ۽ زبان کان اظهار جي نه سگهنديون آهن. انهن لاءِ اکين جو ڪردار تمام گهڻو اهم ۽ شاندار رهيو آهي

اهڙي ڪردار جو ذڪر عبد پنهنجي ڪافي ۾ ڪيو آهي:

محبت جو معراج ماڻن ٿيون اکڙيون،
پري کان پرينءَ کي سڃاڻن ٿيو اکڙيون .

جتي دلڙي ڏڙڪڻ ۾ مشغول آهي،
اتي اک کي اڪڻ جو معمول آهي ،
ڪري راز ظاهر هي ڄاڻن ٿيون اکڙيون .

جيئن نه شاعر وقت شناس هوندو آهي، ان لاءِ هر دؤر جي حالتن واقعن،




حادثن، انقلابن ۽ تبديلين جا عڪس پنهنجي شاعريءَ ۾ چٽيندو آهي اها اِج جي چٽي حقيقت آهي ته رت جا رشتا بي معنيٰ محسوس ٿين پيا، اهڙن احساسن کي به عبد صاحب پنهنجي شاعريءَ جو موضوع ڪجهه هن طرح بڻايو آهي:

رت جا به سيئي رشتا آخر وڃن ٽُٽي؛
ڪنهن ۾ پلا رکي تو پاڳل سان واسطو.

عبد صاحب جي شاعري، فني، فڪري، ادبي ۽ عوامي اعتبار کان وزنائتي ۽ بامقصد شاعري آهي. قوي اميد سان چوان ٿو ته عبدالخالق عبد صاحب جو هي ڪتاب ادبي ۽ عوامي حلقن ۾ ضرور مقبوليت ماڻيندو.

مشتاق بخاري



ڪنهنجو "عبد" منهنجو سائين!

هر گُل جي پنهنجي خوشبوءِ هوندي آ. هر خوشبوءِ جو پنهنجو اثر هوندو آ. هر اثر جو وري پنهنجو پنهنجو اثر هوندو آ، هن دنيا ۾ ڪوڙ سارا شاعر پيدا ٿيا ۽ ٿيندا رهن پيا، ڪي گُمنام زندگي گهاري ويا، ڪي گهارن پيا. ڪن کي قدرني اهڙي پذيرائي ملي جو عوامي شاعر بڻجي ويا. اهڙن عوامي شاعرن منجهان استاد عبدالخالق "عبد" پڻ هڪ آهي. خاموش طبع، هر دلعزيز، نهايت حساس ۽ نماز جو پابند اعليٰ شخصيت ۽ سادي طبيعت جو مالڪ مُرڪندڙ ماڻهو آهي. جنهنجا گيت گهر گهر، جهنگ جهر بي انتها مشهور ٿيا، مونکي خوشي سان گڏ فخر پڻ آهي جو آئون استاد "عبد" جهڙي عوامي شاعر جو هڪ ادنيٰ شاگرد بہ آهيان ، سائنس ايتريون تہ ويجهڙايون رهيون جو هڪ ٻئي جا رازدان بہ ٿي وياسون. منهنجي سادگي ڏسي منهنجو استاد مونکي نہ رڳو شاگرد، پر سڳن پائرن جهڙو ننڍڙو ڀاءُ ڪري سڏيو. ڪيئي ورهيہ گذري ويا آهن، مگر پنهنجي پائپي برقرار آهي. استاد "عبد" ڪنهنجو "عبد" پر منهنجو تہ سائين بہ آهي، جو مونکي شاعري جي ميدان ۾ چيچ کان وٺي هلڻ سيکاريائين. منهنجي دعا آهي تہ شال منهنجو استاد "عبد سائين" جُڳ جُڳَنَ جيئي ۽ پنهنجي ذات وسيلي پنهنجي ڌرتيءَ جي، پنهنجي ٻوليءَ جي ۽ پنهنجي ماروئڙن جي خدمت ڪندو رهي، آمين ثم آمين .

ڊاڪٽر الطاف "آسي" چانڊيو
لاڙڪاڻو




مقبول عوامي شاعر

شاعري سُندر احساس جو نالو آهي جنهنکي پڙهي عجيب سڪون اچي ٿو، پر شاعري جو حقيقي حُسن تڏهن نروار ٿئي ٿو جڏهن انکي سدا سريلي راڳيءَ جو مٺڙو ۽ منڙو آواز نصيب ٿئي ٿو. جن ڀاڳو نه شاعرن جي شاعري کي بيحد سُريلن راڳين جا آواز مليا آهن، اُنهن شاعرن منجهان هڪ شاعر آهي عبدالخالق عبد.

عبدالخالق عبد سنڌي ٻوليءَ جي اُنهن شاعرن منجهان آهي جنهنکي اسان ننڍي هوندي کان ٻڌندا اچون پيا، سندس ڪلام جهر جهنگ ۾ ٻڌو وڃي ٿو ۽ سنڌ جو بيحد مقبول عوامي شاعر طور سڃاتو وڃي ٿو.

معشوق ڌاريجو



عبد هڪ پختو شاعر

مان پڪ ۽ يقين سان چوان ٿو تہ عبدالخالق عبد سنڌ ڌرتي جو هڪ بيحد مقبول عوامي شاعر آهي. عوام ان جي شاعري کي پڙهي جهومڻ تي مجبور ٿئي ٿو، سهنجي هن مٽيءَ محسن زندگي، جي ڏکن ۽ سکن جي هوبهو عڪاسي ڪئي آهي سندن شاعرين فن ۽ فڪر جي لحاظ سان پڪي ۽ پختي نظر اچي ٿي. سندس خيالن جي اڏام تمام شاهين ۽ بهترين تخليق ٿيل آهي. جنهنڪري پڙهي اهو چئي سگهجي ٿو تہ هي هڪ مثالي شاعري آهي. سندس شاعري مان اهو بہ اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ عبد صاحب سنڌ ڌرتي امن ۽ انس جو شاعر آهي.

سچ ۽ سونهن جو هي شعري مجموعو خوبصورت تشبيهن ۽ علامتن کان خالي نہ آهي مان سندس محنت ۽ سنجيدگي کي ڏسي چئي سگهان ٿو تہ عبدالخالق عبد جو هي ڀرپور ڪوشش سنڌي ادب ۾ لاڀائتو ثابت ٿيندو

اصغر مهيسر

پير ڳوٺ

زور جي ميندي لڳندي ناهي

سائين عبدالخالق عبد منهنجي پسند جو شاعر آهي، مان اڪثر سائين جي شاعري ڪيسٽن جي ذريعي مختلف فنڪارن جي آواز ۾ ٻڌندو آهيان ۽ ڀڄندو آهيان. سائين جن جي شاعري ڳائي وئي آهي. انور حسين وسطڙو، چاچڙ چانڊيو ۽ تاج مستانيءَ کان سواءِ ٻين ڪيترن فنڪارن به سائينءَ جي ڪلامن کي ڳايو آهي خاص طرح مون کي ممتاز لاشاريءَ جو ڳايل هي ڪلام وڻندو آهي.

زور جي ميندي لڳندي ناهي،
جنهن جي مرضي جنهن کي چاهي

سائين عبدالخالق عبد هڪ عوامي شاعر آهي، سندس ڇپجندڙ ڪتاب تي مان ڪيس مبارڪون پيش ڪيان ٿو.

مسڪين محمد خان اسير سومرو

سائين عبد ڀلوڙ شاعر ۽ نيڪ انسان آهي

سائين عبدالخالق عبد منهنجو عزيز شاعر آهي، هن جي الله وڏي عزت ڪئي آهي، هو جيترو ڀلو شاعر آهي، اوترو نيڪ انسان به آهي، هن جي شاعري ٻڌندي ۽ ٻين کي ٻڌائيندي مون کي گهڻي خوشي ٿيندي آهي.

ساانول سرمد رند



منهنجو استاد شاعر

سائين عبدالخالق عبد نه رڳو سنڌ جي عوامي ۽ بيحد مقبول شاعر آهي پر منهنجي اها خوش نصيبي آهي ته سائين منهنجو شاعريءَ ۾ استاد به آهي. مون نه رڳو سائينءَ جي شاعري سان سفر ڪيو آهي . پر مون سائن ذهني سفر پڻ ڪيو آهي . سندن شاعري سادي ، سلوڻي ۽ وڻندڙ آهي جنهن کي سنڌ جي سُريلن راڳين ڳائي ويتر سهڻو ڪري ڇڏيو آهي. مان سائينءَ کي هنن مختصر لفظن جي پيٽا ڏيڻ سان گڏ واڌايون پڻ پيش ڪيان ٿو.

منهنجي دعا آهي ته شال الله پاڪ سائين جي قلم کي اڃا وڌيڪ سگهارو ڪري ۽ کين عمر دراز عطا ڪري .

سپاهي محمد اسماعيل خاصخيلي




ڪٿا پنهنجي پيار جي

جونڊا اهن تہ انسان ڀاڳ جو محتاج هوندو آهي ڀاڳ، بخت ۽ مقدر جا فيصلا تہ آسمانن تي انسان جي تخليقار جي هٿان لکجي ويندا آهن، ڪي انسان تہ جمندي جاڙ ۽ ڪي پنهنجي بي انتها محنت ۽ جفاڪشي کان پو پنهنجي ڀاڳ کي بلند مقام تي پهچائڻ ۾ ڪامياب ويندا آهن. مون کي تہ وهم گمان بہ ڪونہ هيو تہ مان شاعر ٿيندس.

هڪ بنهہ غريب گهراڻي اهو بہ بلوچ، جنهن جي مادري زبان بلوچي هجي، اهو ڪيئن ٿو سنڌي ٻولي ۾ شاعري ڪري جڏهن تہ اڪثر بلوچ ماڻهو سڄي عمر تائين مونث، مذڪر جي چڪر ۾ قائل هوندا آهن، نر، ڪي مادي، مادي کي نر ڪرڻ اهو بلوچن جو شيوو آهي، پر مون کي پنهنجي امڙ جون دعائون هيون جو مان اهي سڀ منزلون طئي ڪري هڪ شاعر بڻ جي ويس، منهنجو جنم بلوچستان صوبي جي ضلعي ڪڇي ۽ شهر شورڻ جي پرسان هڪ ننڍڙي ڳوٺڙي ۾ ٿيو.

مون صرت قرآن شريف اُتي پڙهيو ۽ پوءِ منهنجا ڀاڳ کُليا ۽ اتان هجرت ڪري سنڌ صوبي ۾ هڪ ٻهراڙي جي ڳوٺ غوث بخش رند ۾ رهائش پزير ٿياسين. هڪ ٻن سالن کان پوءِ منهنجو والد صاحب فوت ٿي ويو ۽ ان وقت مان سنڌي پيودر جو پڙهندڙ هُيس. بس مان چڻ عرش کان هيٺ ڪريس، پر منهنجي امڙ مون کي دلاسا ڏيندي رهي منهنجي پرورش ۽ پڙهائي جاري رکيائين، مون کي پڙهڻ جو شوق جنونيت جي حد تائين هيو، مون ڏسندي ڏسندي سنڌي ست درجا پاس ڪيا ۽ سنڌي فائنل جو امتحان ڏنو، جنهن ۾ پاس ٿيس ۽ جلدي مون کي سنڌي ماستري ملي. مان خوش قسمت هُيس جو جلدي ۾ مون کي نوڪري ملي وئي مان نوڪري سان گڏ پڙهائي طرف بہ توجہ جاري رکندو آيس آخر ڪار اديب فاضل جو امتحان پاس ڪيم اها 1970-71 جي اڳالهہ آهي، جنهن دوست اديب فاضل پاس ڪيو هوندو انهي کي سڄي خبر هوندي منهنجا ڀاڳ جو مان سنڌي نظم ۽ نثر کان گهڻو ڪجهہ



واقف نہ ہيس لاشعوري طرح مون کي شاعري جو شوق تہ ھيو. جذبا دل ۾ پيدا ٿيندا ھئا. منان وري عشق جي اهڙي چمات لڳي جو مان ھن دنيا کان گهڻو پري نڪري ويس ھڪ حساس دل ڪي جذھن وھم وهڪوڙي وجن پريشانيون وڏي وجن ڏکن جا پهاڙ ٽٽي پون پوءِ اُن جو ڇا حشر ٿيندو بس پوءِ منهنجي اندر جي اُڌمن سون کي سمهڻ نہ ڏنو، رات ڏينهن بس مان پنو پين ۽ واريءَ جا ڏڌا ۽ پٿون. مون کي اها خبر بہ نہ هئي تہ مان ڇا پيو ھيان بس ڏسندي ڏسندي بوڪ پري جڏهن اُن زماني ۾ اسان جي سنڌ ڌرتي تي چند عظيم فنڪار ھئا جنهن ۾ مرحوم مصري فقير، مرحوم ڪوثر زرداري، مرحوم جلال چانڊيو. جيڪي عوام جي دلين تي راڄ ڪندا ھئا . حمتا متني عرض ڪري آيہ آهيان تہ مان پاڳوند آهيان جو منهنجو ڪلام اُنڌي انهن ٽنهي عوامي فنڪارن ڳايو

پر مون کي جيڪا پزيرائي ملي ۽ مان مُلڪان ملڪ مشهور ٿيس اهو فنڪار ھيو. سنڌ جو بي تاج بادشاھ مرحوم جلال چانڊيو ، جلال چانڊيي لاءِ مرحوم استاد بخاري جو چوڻ تہ ھڪ خيرات توهان ھڪڙي بند جاءِ ۾ ڪيو جتي مخصوص ماڻهو ايندا ۽ ھڪ خيرات توهان مين روڊ تي ڪيو اُتي ھر ايندڙ ويندڙ خيرات جي ماني کائي ويندو

اهڙي طرح سان جنهن جو ھڪڙو ڪلام جلال چانڊيو ڳائي تو اهو مُلڪان ملڪ مشهور ٿو ٿئي ۽ ٻيو ڪو ڳائي تو تہ اهو محدود تو ٿئي

مان پاڳوند آهيان جو جلال چانڊيي مون کي عوامي شاعر بنايو جهڙي طرح استاد بخاري اعتراف ڪيو تہ مون کي اگر منظور سخيراڻي نہ ڳائي ها تہ مان اڄ استاد بخاري نہ هجان ها. اهڙين مون کي گهڻي انداز ۾ جلال چانڊيو نہ ڳائي ها تہ مان عوامي شاعر عبد نہ سڏجان ها . اڄ مون کي چڱ سٺيس زندگي ملي پئي جو منهنجو 25-30 ورهين جو پورهيو خدا در منظور ٿيو ۽ منهنجو ڪتاب ڇپجي پيو. بحر حال آخر ۾ مان اهو پڻ اعتراف ڪرڻ ٿو چاهيان تہ مون کي جن ماڻهن ڪتاب ڇپرائڻ ۾ همٿايو اُهي بہ چند آهن جن سنهنجي همت افزائي ڪئي، خاص ڪري ڪوثر برڙو ، اصغر مهيسر، الطاف آسي، وسيم سومرو، ناز سنائي ۽ مير



عبدالرسول مير صاحب.

مان اُنهن دوستن جو بہ شڪر گذار آهيان جن مون تي مضمون لکيا ۽ جيئن اکو بہ اکر هُنن لکيو مون اهوئي ڇپرايو، ڇو تہ هر انسان ۾ خامين سان گڏ خوبيون بہ آهن. هر انسان جي ڪلام ۾ خاميون ضرور هونديون آهن، اُن جو سهڪو اعتراف ڪندو. وڏيڪ ڪتاب پڙهندڙن تي ڇڏيل آهي، پر مان پنهنجي ضمير کان مطمعن آهيان، جيڪي مون لکيو آهي پنهنجي مشاهدي ۽ تجربيتحت لکيو آهي. ۽ مون سچ لکڻ ۽ چوڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، مان ڪيترو ڪامياب ٿيس ، اهو تہ وري بہ منهنجي ڪتاب پڙهندڙن تي ڇڏيل آهي.


عبدالخالق عبد

60 ميل شهر ضلع نواب شاهہ



حمد و نعت





ثنا تنهنجي مالڪ ڪرڻ ڪان مٿي،
لکڻ ڪان، چوڻ ڪان، ڪٿڻ ڪان مٿي

ثناگر ثنا پيا چا لکي،
نٿي ڪنهن سان تشبيح تنهنجي لڳي،
تنهنجيون مهربانيون ڳڻڻ ڪان مٿي


زمين آسمان، چنڊ تارا ڪتيون،
ٻيناتيل ٻيجلي ٻرن ٿيون ٻتيون،
وري سج جو گولو لکڻ ڪان مٿي

ڪٿي تون قهاري ڪٿي تون ڪريم،
جي رحمن ٿين تو تہ سڀ ڪان رحيم،
ڏئين تو سين ڪي ڳڻڻ ڪان مٿي

تون عالم جو مالڪ تون آهين ڏٺي،
نہ تو کي ڄڻيو ڪنهن نہ ڪنهنکي ڄڻين،
تنهنجو شان اوچو پڄڻ ڪان مٿي

گنهگار، مومن تہ تنهنجي نظر،
لهين پنهنجي عبدن جي هر دم خبر،
ڏئين ايترو جو، ڏسڻ ڪان مٿي
([illegible])





سبحان الله، سبحان الله سين ڪي ورد وائي آ،
ڏٺي عالم جو تون آهين تنهنجي جت ڪٿ خدائي آ.

سونهي تعريف تي توکي، چوان الحمد الله ٿو،
والي، واحد، اڪيلو تون، اها تنهنجي وڏائي آ.

ڪولي ڪي ڪم، هاٿي کي مڇ، ڏيئن ٿو روز پيو رازق،
کارائين وقت تي سڀ کي اها تنهنجي وفائي آ.


سڄو سنسار آ ساجد، فقط مسجود تون آهين،
مڙني معبود آن مالڪ باقي عابد خدائي آ.

شهنشاهه ڪبريا تون، هلي جت ڪٿ حڪم تنهنجو،
فلڪ تي ۽ زمين تي پئي تنهنجي ئي بادشاهي آ.

تو وٽ اڻ ڪٿ خزانو آ، ڏئين پر ڪو نه ٿو ٿڪجين،
سڄي دنيا پئي کائي، نه تنهنجي ڪنهن ڪٽائي آ.

شڪر آ جو شفيع المذنبين جهڙو ڏنئه ساٿي،
ڪيو احسان عبدن تي، هاڻي پنهنجي سڃائي آ.





سلام تو تي، درود تو تي، حبيبَ حاضر هي نعت آهي.
صلو علي جو ذڪر لبن تي، زبان تي جاري صلات آهي.

وڏو اهو ڪو بخيل آهي، صلات تو تي نٿو پڙهي جو،
صلات سڀني تہ مومنن لئہ خدا کان مليل سوغات آهي


جتي مبارڪ قدم رکيا تو نظر نہ پهتي اُتي آ ڪنهن جي،
معراج مولا سان تو آماڻيو، اُها ڀلاري تہ رات آهي.

نڪي ڪو ڄائو، نڪي ڪو ڄمندو، حسب، نسب ۾ سين ڪان اعلي،
بُلند ۽ بالا مڙن کان بهتر منا اوهان جي ئي ذات آهي

جتي نبي سڀ ڪندا پيا نفسي، اُتيئي ڪندين پيو تون اُمتي،
خدا جي طرفان شفائہ سائين، اوهان کي مليل هي ذات آهي

عظيم اخلاق جو تون مالڪ ڪلام مولا جو آهي، شاهد.
ثنا لکي ڇا هي عبد سائين ثنائي مولا جي ذات آهي.





ڇا لکان مان مصطفيٰ جي شان ۾،
شان سارو آ بيان قرآن ۾

خود چيو خالق آهي خُلق عظيم
صاف ظاهر آ چيل فرقان ۾

هر صفت ۾ آ محمد بي مثال،
اهڙي خوبي ناهي ڪنهن انسان ۾

مصطفيٰ جي پِڪ ۾ اهڙي شفا،
ناهي ڪنهن حاذق سنڌي درمان ۾.


ڪاٿي طٰهٰ ڪاٿي ياسين جو لقب،
ڪٿ مزمل، ڪٿ مدثر مان ۾.

مصطفيٰ جهڙو نه ٻئي معراج ڪيو،
فرق آ جيئن تير ۽ ڪمان ۾.

عبد پڙهه صلوات سيد تي سدا!،
آ نهارو محشر ميدان ۾.
(عبد)

غزل






0344 3919786

0300 3404488

Sahib Khan "SOORIH" Mirani



لڙڪ اکين ۾ اٽڪ جي پيا هن،
لفظ چپن ۾ ٽڪجي پيا هن.

تنهنجي گلي ۾ يار اٿئي لئه،
هار هٿن ۾ ٽڪجي پيا هن.

تنهنجي خاطر ٿون جي پوکيا،
گل صحن ۾ ٽڪجي پيا هن.


تنهنجيون تحريرون، تصويرون،
منهنجي پڪن ۾ ٽڪجي پيا هن.

مالها ڪنهن کي پارايان مان،
موتي سڳن ۾ ٽڪجي پيا هن.

موتي موتين جي ڪن جانان،
نيڻ ڏڳن ۾ ٽڪجي پيا هن.

تنهنجا عبد اوسيئڙي جي،
هاڻ غمن ۾ ٽڪجي پيا هن.
([illegible])





اکين جي غربت ۾ تصوير آ بند تنهنجي،

هن دل سندي دفتر ۾ تحرير آ بند تنهنجي.

آيس ۽ ويس دل ۾ محفوظ رکيل آهن،

پرچڻ ۽ رُسڻ واري تقرير آ بند تنهنجي.

تو خواب ڏٺا هوندا، ڏسندو به اچين ٿو پر،

سالن کان مهينن کان، تعبير آ بند تنهنجي.

تو مون کي لکيو آهي [illegible] ماٺ ۾ رهه جانان،

فن [illegible] جي [illegible] وٽ، تعبير آ بند تنهنجي.

تون مونکان جدا آهين، پر مون [illegible] هر،


پيو پاڻ کي سمجهيان، جاگير آ بند تنهنجي.

ڇا عبد مليو توکي تو عبد سڏايو آ،

دولت جي پوڄارن وٽ، تقدير آ بند تنهنجي.







زلف جي جهنگل ۾ مان ڦاسي پيس،
جڻ وڏي دنگل ۾ مان ڦاسي پيس

هئي حسينن جي وڏي محفل متل،
اُن وچي مقتل ۾ مان ڦاسي پيس


ڇا خبر هئي عشق ارڙو آ ايڏو،
عشق جي چنگل ۾ مان ڦاسي پيس.


تون رُئين جڻ سيئي رستا بند ٿيا،
پنهنجي ئي منزل ۾ مان ڦاسي پيس.

ڪا نہ ٿي سمجهي، سُٺي هڪ ڳالهہ پي،
دلڙي جاهل ۾ مان ڦاسي پيس.

ڪيسو خالي ڪو گهري ٿو سو جو نوٽ،
اهڙي اڄ سائل ۾ مان ڦاسي پيس.

تون پري محفل ۾ ڇيو اڄ عبد ڪي،
هن ڇرئي پاڳل ۾ مان ڦاسي پيس.





پئسن تي کتا ماڻهو،
مون کوڙ ڏٺا ماڻهو.

اڪثر ٿا وڪامن هت،
دنيا جا وڏا ماڻهو.

افسوس ٿا ڏوڪو ڪن،
ماڪيءَ کان مٺا ماڻهو.

تبديل ٿين جهٽ ۾،
ڪيڏا نه پلا ماڻهو.


آزاد ڪڏهن ٿيندا،
ناحق جي ٻڌا ماڻهو.


ڳولڻ سان ليکي پوندا،
نيت جا صفا ماڻهو.

جت ڪٿ ٿا اچن اڳيان،
هر ڪنهنڪي رُڪا ماڻهو.

توکي ته ڪُٺي ۾ پيا،
اي عبد پڪا ماڻهو.







هت ڪيس ٿين ڪارا ليڊر ٿو هٽي جهمريون،
ويا ڪسجي ڪيئي ويچارا، ليڊر ٿو هٽي جهمريون.

بي حس جي ٿين ماڻهو پو داد رسي ڪيئن ٿئي،
مظلوم جا بند چارا، ليڊر ٿو هٽي جهمريون.

اڄ پيٽ جي دوزخ ڪي، مسڪين پري ڪيئين،
روئي ٿا چون سارا، ليڊر ٿو هٽي جهمريون.


انسان درندو ٿي، انسان پيو ڪائي،
چپ چاپ هي ويچارا، ليڊر ٿو هٽي جهمريون.

ڪائي نه صداقت آ، ليڊر جي واعدن ۾،
خالي ٿا لڳن نعارا ليڊر ٿو هٽي جهمريون.

ڇا؟ عبد اسان هاڻي آزاد ٿيا آهيون،
گردن ۾ پيل ڳارا، ليڊر ٿو هٽي جهمريون.







غـم کـي غذا ٿـو سـمجهان ،
ڏاڍا مزا ٿــو ســمجهان .


سـاڳيو سـچ نـ آهـي،
بدليـل فضـا ٿـو سـمجهان .

ســاري عمــر وڇوڙو ،
مشکـل سزا ٿـو سمجهان .

محبوب کــي وســارڻ ،
فرض قضـا ٿــو سـمجهان .

مان عبـد هـن دنيـا کـي،
دوکـو، دغـا ٿـو سـمجهان .





اوهان جو دلاسو ݙکو ٿي پيو،
وري شوق منهنجو ننڍو ٿي پيو.

چيو ڪن هو، ماڻهن، ڏنائي اٿئي،
ڏٺم قول تن جو سچو ٿي پيو.

پنهنجي پيار تي آڱريون پيون اُٿن،
ڏسو ڪيڏو مون لئہ ڏچو ٿي پيو.


ڪري واعدو محفل ۾ آئين نہ تون،
متا مُلهہ منهنجو ٽڪو ٿي پيو.

چون ٿا سخي ڪان پلو شوم آ،
ڪيئہ جلد نهڪر، سُنو ٿي پيو.

شُڪر رات مونکي مليئن خواب ۾،
اوسيئڙو هي تورو جهڪو ٿي پيو.

عقل الوداع چئي چڏي ويو هليو،
صفا عبد هاڻي ڍڳو ٿي پيو.





ڪوڙ نہ ھٹبو ڪانہ سري آ،
قصو ڪو تہ ڳالھہ ڳري آ.

اکڙين جا سڀ بند لُڙھي پيا،
ياد جي اھڙي ويرُ وري آ.

وس ڪان ٻاھر، توکي وسارڻ،
ساک سان سمجھ ھي ڳالھ ڳري آ.

منھنجي اوندھہ من اڳڻ تي،
ياد جي بتي اڄ بہ ٻري آ.


پٿر مان تو سون بنايو،
ڪيڏي تنھنجي ڪيميا ڳري آ.

ھوش عقل ويو مونکان ڇڏائي،
سمجھيم ھاٿي چاھہ چري آ.

عشق جي آتش عبد ھي مون ڪان،
ڪانہ ٺري آ، ڪانہ ٺري آ.







جملن ۾ جان آهي، ڪجھہ غور سان پڙهو،
لفظن ۾ جان آهي ڪجھہ غور سان پڙهو.

بي جان ٿي وياسين اڄ ڪلھہ تہ مان ۽ تون،
گيتن ۾ جان آهي، ڪجھہ غور سان پڙهو.

شاعر جي شعر کي ڇو بيڪار ٿو سڏين،
شعرن ۾ جان آهي ڪجھہ غور سان پڙهو.

مون سان پيا ڳالهائن تولاءِ بي زبانا،
خطن ۾ جان آهي، ڪجھہ غور سان پڙهو.


مغرور ڪوبہ ماڻھو جهٽ ۾ پوي ٿو پرچي،
سڏڪن ۾ جان آهي، ڪجھہ غور سان پڙهو.

پل بند ڪو ڪرائي، آواز پر اچي ٿو،
درين ۾ جان آهي، ڪجھہ غور سان پڙهو.

انسان سڀ برابر، سيني ۾ ساھ ساڳيو،
عبدن ۾ جان آهي، ڪجھہ غور سان پڙهو.







اڄ پيار وبــو تـــر، مان،
ڪو لُطف نہ پاڪر مان.

ڪلهہ دوست هيو ۽ اڄ،
چاقو ٿـو ڪيڍي ورمان.

هُـــن منهنڙو متايـــو آ،
هي اک نہ ڪيڍي درمان.

مون ڏاڍو سڏيو ليڪن،
نڪتو نہ پرين گهر مان.


هو مينهن آ ساوڻ جو،
ويـــران صـفا بر مسان.

خوشحال سدا رهنديـن،
هٿ مور نہ ڪيو هر مان.

مس عبد پڇي وٺين تون،
نفرت جـــي اوتـــر مان.

ﷺ





اُميدن جـي دامـن ۾ خوشيون وجهـو،
اچـو جلد هاڻـي اچـو اڄ اچـو.

مان ڏاڍو پريـشان آهـيان پريـن،
ڪـو احول اوريـو، ڪـو مون ڪان پڇـو.

حياتـي ، مماتـي مثـل آ متـا ،
حياتـي هـي آهـي سـوا تـو ڏچـو.


نـ ڪـا غـذ نـ قاصد، سـنيهو پڳـو،
پلا ڪهڙي دنيـا ۾ پيـا تـا وسـو.

اڪيـن سـاڻ منظور مونکـي مـٺا،
خطـا دار آهيان سـزا پـل ڏيـو.

رُسـڻ سـاڻ بيزار ٿيندس نـ مان،
اجايـو پلا ڇـو پيـا مون ڪان رُسـو.

اجان عبـد تنهنجـو اهـو عبـد آ،
جُڳـن تائيـن رهندو سُخن جـو سچو.





موسم جي تقاضا آ، اڄ پيار ڪيون جانان،
هن پيار پنهنجي کي اڄ نروار ڪيون جانان.

رسمن ۽ رواجن جا، زنجير سڀئي توڙي،
محفل ۾ اُٿي بيهي، اظهار ڪيون جانان.

اڄ پيار پڪيڙڻ جو انجام ڪيون ويهي،
نفرت کي نڪيڙي اڄ بس ڌار ڪيون جانان.


ماڻار آ منظر ۾ اڄ جلد بهاري ٿئي،
رنگين گلابن جا، کي هار ڪيون جانان.

ڏس وقت جو ڪانئو ٿي، ڪيئن تيز پڄي ٿو پيو،
وڪ وقت سان گڏ تڪڙي اختيار ڪيون جانان.

سنسار جي ڪُنڊ ڪُنڊ ۾، ڏي عبد وڃي هوڪو،
تا پيار ورهائڻ ۾ سمڪار ڪيون جانان

(٢٤)





زخم دل جا ڦٽي ساوا ٿيا هن،
وري ٻيهر ڇڪي ساوا ٿيا هن.

وڇوڙي جي سدا ويرن ۾ لڙهندي
فنا کان هي بچي ساوا ٿيا هن.


فراقن جي گرم جهولن جي وچ مان،
مُحبت ۾ مچي ساوا ٿيا هن.

ڏسو محبت جو هي هڪ معجزو آ،
برهه ۾ پي پچي ساوا ٿيا هن.


وٺا بادل اُڃايل دل جي ڏر تي تي،
سلا دل تي وري ساوا ٿيا هن.

اميدن جا سڪل ٻوٽا دوبارا،
ڏسي توکي وري ساوا ٿيا هن.

اميدن جا چمن اي عبد تنهنجا،
خزائن کان بچي ساوا ٿيا هن.







دنيا جا درد ميڙي تحفو ڏيئي هليو وئين،
ناڪام پيار وارو پرچو ڏيئي هليو وئين.

انجام، عبد، تنهنجا ڪا ڏي ويا پڇان تو،
هر درد جي شڪل ۾ دو ڪو ڏيئي هليو وئين.

دل جي شهر جو اڳ ۾، واپار توڪيو هو،
مون کي صفا تون ڪوڙو ڪاتو ڏيئي هليو وئين.

انسان جي اندر کي سياڻا چون سمنڊ آ،
اڻڇاڻ مان اياڻو، دلبو ڏيئي هليو وئين.


مون لاءِ سڀ مهينا محرم جا هن ڏهاڙا
ساري عمر لئه سهٽا پنڌ ڪو ڏيئي هليو وئين.

اڻڇاڻا عشق ڪان مان، عاشق وئين بنائي،
رستو بنهه اڻانگو، اوڪو ڏيئي هليو وئين.

ديدار واربون دريون ۾ درتو بند ڪيا هن،
هن عبد کي عمر لئه، الڪو ڏيئي هليو وئين.







ڪو رُئو بي سبب آهي،
فيصلو هي عجب آهي.

هُن وساريو صفا مونکي،
ياد مون کي روزو شب آهي.

ڪيڏو هن کي مان چاهيان ٿو،
باخبر هڪڙو رب آهي.


هن ۾ احساس ناهي ڪو،
ڇڻ فيوز ڪو بلب آهي.


يار کان ٿي جدا گھارڻ،
ڇڻ تہ انکي جنب آهي.

راز محرم گر وڃي چڙي،
پو خدا جو غضب آهي

هن کلي ۽ چيو مونکي،
عبد هڪ با ادب آهي.







شخص هڪڙو ياد آ پل پل مونکي،
هو ڇڏي ويو هت صفا هيڪل مونکي.

مان وسي اُن جي اڱڻ تي پيو اڃان ،
اڄ خبر تازي ڪئي بادل مونکي.


عشق جي انجام جي ڪل ڪا نہ هئي ،
عشق جي اوتر ڪيو پاڳل مون کي.


ياد جي رڻ ۾ رُلائي ويو هليو ،
ڪانہ مقصد جي ملي منزل مون کي.


آسرن جي بحر کان پيو مان پڇان ،
ڇا نصيبن ۾ نہ آ ساحل مونکي ؟

چيم محبت جو آهيان هڪڙو مريض ،
اسپتالن ۾ نہ ڪيو داخل مونکي.

مون چيو ڪجھہ رحم آڻيو عبد تي ،
هُن چيو ڪاوڙ منجهان هل هل مون کي.







اڄ زندگي اسان جي ٿي وئي يتيم وانگي،
هي شاعري اسان جي ٿي وئي يتيم وانگي.

اڄ آسرا اسان کي ڇڏي الوداع هليا ويا،
۽ بي ڪسي اسان جي ٿي وئي يتيم وانگي.

تو جيو ملڻ محال آ، مونکي اڃان اميدون،
پر عاشقي اسان جي ٿي وئي يتيم وانگي.

ڪافي ڏنا ڏنا مون پنهنجي وجود کي،
اڄ خاطري اسان جي ٿي وئي يتيم وانگي.


نونو، يئس يئس آذاري زبان لبن تي،
پر مادري اسان جي ٿي وئي يتيم وانگي.

تنهنجي ڪري اسان ڪان، آهي رُنل سدائين،
دل بي ڇڏي، اسان جي ٿي وئي يتيم وانگي.

اولهه وسائي ويٺين، اوپر ۾ عبد آهي،
ڏس دوستي اسان جي ٿي وئي يتيم وانگي.







عمــر كــو نيائي، ضروري تــ ناهــي،
مئــو پيــو ڳالهائي، ضروري تــ ناهــي.


عمــر پــر، ســنگت ۾ فقــط يار هڪڙو،
سدا ڪس پيو ڪائي، ضروري تہ ناهي.

سدا راز تنهنجي ڪي سيني ۾ سانڍي،
چڙي ڪــو لڪائي ، ضروري تــ ناهــي.

مشن وانگي مصروف آهي هي ماڙهو،
ڪچهربون مچائي، ضروري تــ ناهــي.

عمر عبد ڪنهن لاءِ سڏڪي سدائين،
ڪو سيجون وڇائي، ضروري تہ ناهي.





ڏسان منظرن ۾ تنهنجو عڪس جانان،
ٿرن ۽ برن ۾، تنهنجو عڪس جانان.

هي ڪمرو آ خالي ڏسڻ ۾ برابر،
درين ۽ درن ۾، تنهنجو عڪس جانان.

مان ناڪام حسرت جي ويرن ۾ قاتل،
مگر آسرن ۾، تنهنجو عڪس جانان.

هي مهراڻ موجون مچن شل سدائين،
سنڌو، وهڪرن ۾، تنهنجو عڪس جانان.


جتان تنهنجو پيارا، اچڻ ۽ وڃڻ هو،
اُنهن پيچرن ۾، تنهنجو عڪس جانان.

ڪٿي؟ ڏور مون کان تون آهين پيارا،
رهي ڀاڪرن ۾ تنهنجو عڪس جانان.

ڀلي راڳ ڪهڙو بہ ڇيڙي ڪو راڳي،
آ سڀني سُرن ۾ تنهنجو عڪس جانان.

حسينن جي دنيا الڳ عبد آهي،
سڀين دلبرن ۾ تنهنجو عڪس جانان.





راهہ ۾ پنهنجو ملڻ هو حادثو،
ڇا خبر؟ تنهنجو ڪلڻ هو حادثو.

مرڪنڏي منهنجي اڱڻ تي اي مٺا ،
اوچتو تنهنجو اچڻ هو حادثو.


جنهن پکي آزاد گهمندي آ ڏٺو ،
تنهن پکي کي بس جهلڻ هو حادثو


ياد ٿئي موهن دڙي جي سير تي،
هٿ هٿن ۾ ڏيئي هلڻ هو حادثو.

موڪلائي مون رنو ڏاڍو پرين ،
پر سچڻ تنهنجو روئڻ هو حادثو.

حادثو، آخر ويو تي حادثو،
پيار کي جلدي پلڻ هو حادثو.

عبد اڄ احوال ڪجهہ ويهي ٻڌاءِ،
مُرڪندي تنهنجو پُڇڻ هو حادثو.





خالي ڪمرو ۽ تنهائي،
موڏسان ھڪيل تنهنجي جدائي.

جڏهن بہ سيئي سات ڇڏن ٿا،
تنهنجون يادون حال ۾ پائي.


شاعر سياڻا، عاقل آهن،
پو بہ سڏن ٿا، تن کي سودائي.


آس جي ٽياس تي ٽنگيل آهيان،
شاهد تنهن لئہ آهي خدائي.

وقت وڇوڙو و جهندو آهي،
قيامت کان وڌ آهي جدائي.

ڪاٿي توکي مون آ وساريو،
غير اها ٿئي ڳالهہ هلائي.

عبد اهوئي ساڳيو آهي،
آس ملڻ لئہ اڄ بہ اُهائي.





سوچون وکريل وکريل سائين،
ميڙيان تن کي پل پل سائين.

ويران راهون، آءُ اڪيلو،
ڏور اجان آ منزل سائين.

هر جا، هر وقت، گڏ گڏ مون سان
وچڙيل يادون ٻکيل سائين.


سوچن جا هن هر دم حملا،
سياڻي دل تي پاڳل سائين.


ياد جي زنجيرن سان جندڙي،
آهي جڪڙيل جڪڙيل سائين.

مان ته اهو ئي ساڳيو آهيان،
پر تون آهين بدليل سائين.

سالن کان چو عبد اوهان کان،
آهي وسريل وسريل سائين.







لمحا تمڪ گهرن ٿا،
صدما تمڪ گهرن ٿا

هر ڪنهن ويل اسان کان،
جذبا تمڪ گهرن ٿا

ڪنهن ڪنواري نياڻي جا،
اڌما تمڪ گهرن ٿا.

ڪي محفل ۾ ڪي،
تنها تمڪ گهرن ٿا.


تنهنجا تو کان پنهنجا،
واعدا تمڪ گهرن ٿا.

ڪنهن وچڙيل ته وني جا،
سپنا تمڪ گهرن ٿا.

ناتا ڪين وساريو،
ناتا تمڪ گهرن ٿا

عبد اهي اڄ تنهنجا،
سڏڪا تمڪ گهرن ٿا
(۹۹۸)





مجبور ٿين ماڻهو،
پو ڏور ٿين ماڻهو.

وڇڙن تہ حياتي ۾،
ناسور ٿين ماڻهو.

ناڪام محبت ۾،
اڻپور ٿين ماڻهو.

ڪي پور ڏين ماڻهو،
ڪي سور ٿين ماڻهو.


صورت ۾ صفا بلڪل،
ڪي حور ٿين ماڻهو.

روئي ۽ رڙي ڪنهن لئه،
بي نور ٿين ماڻهو.

شايد عبد جهڙا ڏوهي،
منظور ٿين ماڻهو.

(١٩٨٧)





توساڻ وري ملبو،
پڪ ڄاڻ وري ملبو.

اڄ ڪو نه مليا سين پر،
صبحاڻ وري ملبو.

هت ڪين ملڻ ڏيندا،
هُت هاڻ وري ملبو.

ڪنهن موڙ تي مرڪي ٿي،
اُڇاڻ وري ملبو.


بس چار ڏهاڙا آ،
ڇڪتاڻ وري ملبو.

سانوڻ هر پٽن تي ٿڦي،
سُرهاڻ وري ملبو.

هن عيد جو شاهن،
مهراڻ وري ملبو.







ويچار ٿيو آهي،

ڇو؟ ڌار ٿيو آهي.

ڪاهه يار هيو ءِ اڄ،

اغيار ٿيو آهي.

گلڙن مان ڦري ساجن،

اڄ خار ٿيو آهي.

بي ڏوهه رُسي ويٺو،

هو يار ٿيو آهي.

بيوس مان ٿيس هاڻي،

جو پيار ٿيو آهي.


مون لاءِ وڇوڙو هي،

آزار ٿيو آهي.

ڇو عبد الغني مون کان،

بيزار ٿيو آهي.





توَ وساري ڇڏيو دل مڃيئي نٿي ،
لوڪ مونکي چيو، دل مڃيئي نٿي .


منهنجي سوچن، ويچارن تي قبضو ڪري،
پو جدا تو ڪيو، دل مڃيئي نٿي.

ڇا؟ وچن، واعدا، تو وساري ڇڏيا،
توکي ڇا ٿي ويو، دل مڃيئي نٿي .

سنڌ جيجل امڙ جي حقن ڪاڻ هت ،
ڪو وڏيرو وڙهيو، دل مڃيئي نٿي .

عبد هاڻي هتي عبد منهنجا گهڻا ،
خط پرائين تو لکيو ، دل مڃيئي نٿي.





اڄان اڪثر ٻـن ۾ موسم آ ملهاري ،
اوهان ايندو، تڏهن ٿيندي بهاري .

حسن وارن جي نا هي ڪا ڪمي هت ،
مگر صورت اوهان جي آ پياري .

چون ٿا اوج تي اڄ آ زمانو ،
اها مزدور کي سر تي تغاري .


ننڍيرا ٿي ويا سيئي وڏيرا ،
اڄان هاري اهو ئي آهي هاري .

اڄوڪو ڏينهن شل ٿئي هي صدور ،
ٿئي ناحق نه ڪائي نياڻي ڪاري .

رواجن جي نظر ٿي پر ٽٻي وٺي ،
ڪُراڙي ٻيءَ جيڏي سان ڪنواري .

سڀئي ڏس ماڳ، ڏي هلندا هلن پيا ،
سگهو ڪر عبد ماڳي تون به تياري .





دوستن جي دوستي جو سلسلو هلندو رهي،
۽ سدائين دشمنن ۾ ترتلو هلندو رهي.

غير مسلم يا مسلمان اولاد آدم جا مڙيئي،
آدمي جو آدمي سان واسطو هلندو رهي.

پڪ آ محبوب منتن ساڻ پرچي تو پوي،
شرط آهي جو ش، جذبو ولولو هلندو رهي.

ڪنهن بہ فرقي ساڻ جهيڙو شاعرن جو ڪونہ آ،
هي مُلن جو معاملو آ معاملو هلندو رهي.

نيڻ، نيڻن ساڻ ٻڪجن، تون هجين سامهون سڄڻ،
زندگي ڀر ڀل اهو پيو حادثو هلندو رهي.


ڇڏ ڪٺي هاڻي ڀلا تون ڏن ڏيندڙ پير کي،
پير مهتن، ۽ جهڪڻ ڇڏ، هيڪلو هلندو رهي.

يا الاهي عادلن کي حفظ پنهنجي ۾ تون رک،
ظالمن لئہ ڀل سدائين زلزلو هلندو رهي.

عبد آخر عبد آهين پٽ پهري ڇا ڪندين،
بافتو بهتر آ تولئہ، بافتو هلندو رهي.







ڪَن ڀتن ڪي پيارا چپ چپ ،
ماڻهو پنهنجا مارا، چُپ چپ .

مرڪي نيڻ ملاءِ نہ مون سان ،
جاڳن پيا ٽيا چارا چپ چپ .

گڏجي پاڻ ڪي گهمڻ نہ گهرجي ،
چُغلي هٽندا چارا چپ چپ .


ٻاهر اڇا اُجرا ماڻهو ،
اندر جا تئي ڪارا چپ چپ .

تنهنجي ڪُرمت ڪان مون بس ڪئي
گار نہ ڏي تون وڏيرا چپ چپ .

هُن جي جُتيءَ ۾ پير نہ پوندءِ ،
بس شاعر ويچارا چپ چپ .

عبد نہ ڪر تون هُن سان ليڪا ،
سھ پيو انگل آرا چپ چپ.





مون لئہ تـي پيـا چارا گونگـا،
عرش جـا سـيئي تارا گونگـا.

ٻڙڪ نـہ ٻاهـر نڪري هاڻـي،
جذبـا اڌمـا ويچارا گونگـا.


وات تي هٿ ڏيئي مونکي چيائين
چپ ڪـر تنهنجا پيارا گونگـا.


ليڊر جـي اڄ جلسـي ۾ چـو،
پئسـن وارا نعارا گونگـا.

ماڻهـن کـي هـي ڇاتـي ويـو آ،
سـاري جـا هـي سـارا گونگـا.

ڪمري جـا هـي در ۽ دريون،
عبـد اسـان لئہ ٻارا، گونگـا.







اوسيئڙي کي ڪچ ۾ سمهاري ،
ننڊ نه آئي ساري ساري .

تنهنجي يادن ساڻ رهاڻيون،
روز رچايان ، ڳوڙها هاري .

در هوا تي کليو، سمجهيم ،
پهتي آهين آڏي ڏاري .


انجامن جي آس تي ويهي ،
ڪوئي ويٺو پاڻ سنواري .

اوسيئڙي ۾ بيٺو آهيان ،
ڪيئن ٿو منهنجو پيار پڪاري .

عبد اوهان جي راهه روزانو ،
اکڙين سان پيو يار ٻهاري .







تنهنجي چاهت، چنتا ماري،
پنهنجي غربت، چنتا ماري.

منهنجي ملڻ لئہ تو وٽ ناهي،
ڪائي فرصت، چنتا ماري.

ڏي نہ متان مون کي تو سان ملڻ،
موت بہ مهلت چنتا ماري.


اڄ ڪلهہ دين، ڌرم تا سمجهن،
ڌن ۽ دولت جنتا ماري.

سيڪو چاهي پيو تو اڄ ڪلهہ،
سستي شهرت چنتا ماري.

عبد اسان جي شايد آهي،
اهڙي قسمت، چنتا ماري.







چمڪندڙ تارا چون ٿا آسرو لاهي نه ويهه،
مون کي هي چارا چون ٿا، آسرو لاهي نه ويهه.

مينهن آيو چاڙ آيو، چاڙ جاني موتيو،
هي ککر ڪارا چون ٿا، آسرو لاهي نه ويهه.


مونکي مايوسين جي گهيري ۾ ڏسي آٿت ڏيئي،
يڪ زبان سارا چون ٿا، آسرو لاهي نه ويهه.

هير جا جهوٽا چون ٿا، سرنهن جي سرهاڻ چئي ٿي،
ڪي پکي پيارا چون ٿا، آسرو لاهي نه ويهه.

اڄ فضائن مان آواز پيا اچن ۽ پيو ٻڌان،
عشق جا نعارا چون ٿا، آسرو لاهي نه ويهه.

پيار جي آجيت ٿيندي، غم نه ڪر اي عبد تون،
ڪوڙ مون پارا چون ٿا، آسرولاهي نه ويهه.





شل نہ ڪنھن جون ٻہ آسون مرن دعا ڪيو،
دوست هر ڪنھن جا واپس ورن دعا ڪيو.

بادلو هاڻي ٿر، تي وسو اچ وسو،
منھنجا مارو هي منڙا ٺرن، دعا ڪيو.

ديس پنھنجي ۾ جت ڪٿ سدائين پيا،
ديپ محبت جا دم دم ٻرن، دعا ڪيو.


هو جمالو سان جُھمرن جي رونق هجي،
ٻول پيارا پيارا ٻُرن دعا ڪيو.

مھر مولا ڪري وڏ ڦڙو ڪو وسي،
چيڪ چيلا پٽن تي چرن، دعا ڪيو.

مان اُهي عبد ڏينھڙا ڏسڻ تو گھران،
مارو منھنجا پڊن تي ورن دعا ڪيو.







تون ڪاون اُين تي هلڻ ڪي ڇڏي ڏي،
سر عام سپ سان ملڻ ڪي ڇڏي ڏي.

هتي عام ڇوڙ نڪيون ۽ ڀمرا هلن پيا،
ستو آ اچڻ ۽ وڃڻ ڪي ڇڏي ڏي.

وڃڻ وارا ويندا نه روئڻ سان رُڪيا،
چڱو آ اُنهن جي جهلڻ ڪي ڇڏي ڏي.


روئي پاڻ تي لوڪ سارو ڪلائڻ،
انهي ڪان آ بهتر روئڻ ڪي ڇڏي ڏي.

متان خط لکندي ڏسي غير تو ڪي،
انهي لاءِ خط جي لکڻ ڪي ڇڏي ڏي.

نه آ وقت ڪنهن وٽ جو پرچائي تو ڪي،
چڱو عبد آهي رُسڻ ڪي ڇڏي ڏي.







حوصلن کي حوصلو ڏيندا ڪيو،
پل پھر لئہ يار ھت ايندا ڪيو.

مان متان ڪنھن موڙ تي ڀٽڪي پوان،
راھ ۾ رھبر سڄڻ ٿيندا ڪيو.

گڏ عمر ڀر ڪير ٿو ڪنھن سان رھي،
پر ڪڏھن ڪارات اڏ رھندا ڪيو.


ڪنھن ڏکايل ۽ ستايل وٽ سڄڻ،
دم دلاسن ڪاڻ اُت ويندا ڪيو.

ذات سان گڏ سات تنھنجو آ ضرور،
شوق ۽ جذبو وري پيدا ڪيو.

محفلن کي رونقون بخشڻ جي لئہ،
ڪي گھڙيون ۽ ساعتون ويندا ڪيو.

چاڪري لئہ آ ضروري اي سڄڻ،
عبد پنھنجو پاڻ سان نيندا ڪيو.





هر ماڻهو ڏُکايل آ،
دنيا جو ستايل آ.

پنهنجن کان غيرن کان،
هر ڪوئي گهايل آ.


چالاءِ بهارن ۾،
گل گُل هي ڪو مايل آ.


ڪيئن بي ڪي ڏيان دلڙي،
هُن وٽ جا وڪايل آ.

عاشق تہ ويچارو بس،
جلون جو ئي گهايل آ.

دلدار جي درشن لئہ،
هي عبد سڪايل آ.







ڪجھ تھڪ ڏيو هوريان، سڏڪا نہ پون جاڳي ،
مس هاڻي تہ ننڊ آئي آهي، اُڏ ما نہ پون جاڳي .

محبوب چيو مون کي خاموش هتان هلجي ،
چُغلي نہ هڻن ڪاٺي، رستا نہ پون جاڳي .

ڪاري تہ نہ آهيان پر ، ٻُڌ ياءُ منهنجا منڙا ،
چُپ چاپ ۾ ماري چڏ، رشتا نہ پون جاڳي .

هن دل جي هندوري کي ، لوڏي تہ پيو لوڏيان ،
لوڏي کي جهليان ڪيئن مان ، سهڻا نہ پون جاڳي .


ڪنهن قيد ۾ بند هاري ، آڏيءَ جو اُٺي نڪتا ،
يج يار پڇو ن هاڻي، آقا نہ پون جاڳي .

پهرن تي لڳاپهرا ، چونڪين تي لڳيون چونڪيون ،
محبوب لڪيو مونڏي، بنگلا نہ پون جاڳي .

محبوب وري ايندو، پڪ چاڻ اجهو آيو ،
ڪر عبد نہ تون الڪا، الڪا نہ پون جاڳي .







تنهنجا تحفا ڳالهائن ٿا،
خط پروڪا ڳالهائن ٿا.


تنهنجا ٽهڪ ٽڙن ٿا جڏهن،
منهنجا سڏڪا ڳالهائن ٿا.


پاڻ ته آ خاموش سدائين،
ڪنوارا جذبا ڳالهائن ٿا.

جن تي شعر لکيا تو شاعر،
اُهي پنا ڳالهائن ٿا.

تنهائي ۾ مون سان مرڪي،
هر هر ڳوڙها ڳالهائن ٿا.

عبد ڪي جيڪي پاڻ ڏنا تو،
صديون ڇلا ڳالهائن ٿا.





جدائي ڦلجي پئي افواهہ وانگي،
وڪوڙي وئي آ، ڪکن باهہ وانگي.

سڄو شهر تنهنجي ۽ ڦرندو وتان مان،
اڪيلو صفا ڪنهن ته بي واهہ وانگي.


اچو يار هاڻي ٻئي پاڻ گڏجي،
وڇوڙي جون پاڙون ڪڍون لاهہ وانگي.

اوهان جون ڪي يادون، ۽ آسرون، اميدون،
دلاسا ڏين پيا ٿا اُتساهہ وانگي.

اچي ڏس ته ڇڏيئي مون ويو آهيان اُجڙي،
پُراڻي پڊي ۽ ڦٽل واهہ وانگي.

هي آدمي ۽ جذبا پرين عبد جا چوءِ،
لڳين ٿو پيو تون سدا ڳاهہ وانگي.





منتشر سوچون ۾ مان،
دربدر سوچون ۾ مان.

قربداري ڪر ڪٺي،
منتظر، سوچون ۾ مان.

رات ڪاري، انتظاري،
خالي گهر، سوچون ۾ مان.


ڪنڌ سدائين جاڳي پر،
تا سحر سوچون ۾ مان.

ڏور دنيا کان ڪٿا،
بي خبر سوچون ۾ مان.

عبد ڏوڪيون هر گهڙي،
پيا زهر، سوچون ۾ مان







دلربا سنبري پيو، رات ڪي روڪي وٺو ،
چاڻ سج اُيري پيو، رات ڪي روڪي وٺو .


مس وڇوڙي ڪي ملي مات آهي پر وري ،
سوز نئون نسري پيو، رات ڪي روڪي وٺو.

هن جي سنبرڻ ساڻ سختي ساھ ڪي آهي لڳي ،
ساھ ڇڻ نڪري پيو، رات ڪي روڪي وٺو .

ڇو يلا؟ گهڙيال جا تيز ڪانٽا ٿا ڀڄن ،
جهٽ پهر گذري پيو، رات ڪي روڪي وٺو.

روح سان راضي ٿيو مس وڃي اڄ عبد سان ،
مه لقا پرچي پيو، رات ڪي روڪي وٺو.





دل جـــو دلبر، ياد ســـدائين،
ماٺهـو سُندر، ياد سدائين .

اڄ پڻ خوشبو، منهنجي بدن ۾ ،
هـن جـو پاڪـر، ياد سدائين .

هُن جي اکين ۾ گُم ٿي ويو هوش ،
ماضــي منظـر ياد ســدائين .


مارن جـو چـا اُڦرا تــن ســان ،
جوئر، پاجهـــر، ياد ســـدائين .

هُن کي وسارڻ، پاڻکي مارڻ ،
روح جـو رهـبر، ياد سـدائين .

اُن جـي پياري، پياري صـورت،
دل جـــي اندر، ياد ســـدائين .

عبد عقيدت هُن جي شهر سان ،
گهٽيون بازر، ياد ســـدائين .





هي تڏڙيون هوائون ، اوهان کي سنيارن ،
مُعطر هڳائون، اوهان کـي سـنيارن .


لکـي جهاتـي پائڻ، ۽ منهڙو لڪائڻ ،
اوهان جون ادائون اوهان کـي سـنيارن .

وفائن جـا مونکـي ڏنئہ درس جيکـي ،
اُهـي اڄ وفائون ، اوهان کـي سـنياُرن .

اوهان در گذر ڪيون پرين جيڪي منمنجيون
اُهـي ٿي خطائون، اوهان کـي سـنيارن .

ڪڏهن عبد جي ، ٿـا ، اگـڻ کـي اُجاريـو ،
نماڻيون نگاهون اوهان کـي سـنيارن .





خواهشن پويان تو ڊوڙين اي چريا ،
خوامخوا پاڻ ولوڙين اي چريا .

زندگي ۾ خواهشون ڪتنديون ڪٿي ،
چو تو پنهنجي ٻيڙي ٻوڙين اي چريا .

نفرتن کي ڪر دفن تون فرش ۾ ،
محبتون ماڙهن سان جوڙين اي چريا .


ڪلفتن کان پيچ پري تون پيچ پري ،
پيار خيما پيو تون ڪوڙين اي چريا .

وربهہ تي ويا هن وساريو توکي آ ،
تون اڃان هن لاءِ لوڙين اي چريا .

خان ناهين عبد آهين سوچجان ،
سادڙا ڪيڙا پيو چوڙين اي چريا .







اڄ ياد وري آئي،
مرڪن جي مسيحائي.

هر دور بنيو آهي،
مسڪين تماشائي.

غربت جو سبب بڻيو،
بارود، توانائي.

پنهنجن ۾ پروان ٿيو،
اڄ ناهي شناسائي.


ڇو؟ سنڌ سڪي پئي ٿي،
سڀ ڪنهنکي اها وائي

منظور ڪيم منٿا،
جيڪا ب سزا آئي.

ڪنهن ڪن ۾ ڏني آهي،
اڄ عبد ڪي واڪائي.







فيصلي سان فاصلو وڌندو ويو،
رنجشن جو مرحلو وڌندو ويو.

مصنوعي محبت وارا بيهي رهيا،
قرب وارو قافلو وڌندو ويو.

پيار جي آجيت ٿيندي تو ڇيو،
ڏينهن اُن کان حوصلو وڌندو ويو.

مون ته جنهنکي آڪيو دل جو ڏٺي،
دادلو تي دادلو وڌندو ويو.

روز ملڪيت تي ٿئي جهيڙو پيو،
پاٽرن جو فيصلو وڌندو ويو.


فرقي واريت جي نذر مسلم ٿيا،
دشمني جو سلسلو وڌندو ويو.

پوئلڳ موشو ۽ هيمو جا ڏسي،
دشمنن ۾ ترتلو وڌندو ويو.

عبد جي رڳ رڳ ۾ سرجي شاعري،
شاعري جو مشغلو وڌندو ويو.







سيلاب جي مزي کان وچڙڻ ۾ وڏ مزو آ،
يادن جي ڪهڪشان ۾ تڙپڻ ۾ وڏ مزو آ.

چڪن جي فضا کي تڪرار ڪيئن ڇئجي،
هر هر رُسي، وڃڻ پو، پرچڻ ۾ وڏ مزو آ.


انسان آهي ڪهڙو سورن ڪان اجو خالي،
غفلت جي ننڊ ڪان بس جاڳڻ ۾ وڏ مزو آ.


طوفان کي ڏسي پو، همت مٿان ٿون هارين،
طوفان ۾ بس ڏيئو ٻارڻ ۾ وڏ مزو آ.

نقصان ٿئي ڀلي پر، پاڻي ڏجي زبان کي،
واعدو وفا ڪرڻ ۽ پارڻ ۾ وڏ مزو آ.

ڏاهن جو قول آهي، ڪر عبد ٿون عمل اڄ،
دنيا جي جيت کان هت هارڻ ۾ وڏ مزو آ.







پيار جي پٺماش تون ڇو ٿو ڪرين ،
ظلم اهڙو ڪاش تون ڇو ٿو ڪرين .

داد لائق جو هجي انکي ڏجي ،
غير کي شاباش تون ڇو ٿو ڪرين .


سو تـ دارل آ آڪي کان تون وري ،
پرباش کي پرباش تون ڇو ٿو ڪرين .

چور ناهي، چور ناهي سڀ چون ،
پاڳيو بدماش تون ڇو ٿو ڪرين .

بي بنيادي مان غذا ٿيندي ڪٿي ،
پو زمين آڪاش تون ڇو ٿو ڪرين .

عشق پاڻهي توکيو اڳ عبد هو ،
اچ گريبان پاش تون ڇو ٿو ڪرين .





گــل ســـمورا واءِ ۾ وکري ويـــا،
ڇــڻ پکــي هئا جهــٽ ۾ اڏري ويـا.

مون رُنـو پـر، ڪيـن مڙيا ويـا هليا،
ڇـو تـہ پرديسـي هئا سنبري ويـا .

توجي پوکيا دل ڌرتي جي مٿان ،
ڏس اڇـي سيـئي حـلا نسـري ويـا .


توهـ وانگـر زهـر قاتـل هـن بچيـا ،
ماکـي ماٺـهـو ۽ مٺـا مصـري ويـا .

هوتلن تـي رش صـفا گهٽجي وئي ،
سـنڌي يائر هاڻ سـپ سـڌري ويـا .

عبـد اوسـيـئڙي ۾ ٻيٺـو آ اُتـــي ،
راهـ جنهـن تان دلربـا گذري ويـا .







قــل چار پڙهــي وجهان گــل چار رکــي وجهان،
جئري جــي نتــو ســارين پــو يار اچــي وجهان.

اوســيئڙو اُتــي هوندو اکڙيون بـ کليـل هونديون ،
ڪانڌي بـ وجـن نکري، پـو جلد پڇـي وجهان


وصيعت ۾ لکي ڇڏيـم توکـي بـ چوان تـو پيـو ،
قطـبي تـي منهنجـو نالو تون پاڻ لکـي وجهان .

مصـروف اگـر آهيـن، پـر پـو بـ پريـن پيارا ،
هـڪ سـال يـا اڌ کان پـو، دلدار ڏسـي وجهان .

جئري بـ جهليـو جن آ، سي پو بـ جهليندءِ پيا،
. غيرن کان ڪري پاسـو ڇُپ چاپ لکـي وجهان .

هي عرض اٿئي منهنجو سڀ معاف ڪري ڇڏجان
ڪـا عبـد اگـر بتـي ٻاري تـ سـڪي وجهان
(۵۱۷)





تنهنجــو ملڻ ۽ مرڪــڻ، ڏاڍو ســـٺولڳو،
ڪاوڙ ڪرڻ ۽ پرچـــڻ، ڏاڍو ســـٺو لڳـــو.


ڪينجهر تي مونسان گڏجي هٿڙو ڏيئي هٿن ۾
ٻـو ليون مٺيون ڪـي ٻولڻ، ڏاڍو سـٺو لڳـو.


جهولي جهلي مون ڏڪڙا تــو ڪان گهريــا هُئا،
توڪـي خوشيون هـي ارپـڻ ڏاڍو سـٺو لڳـو.

محفـل سجي مان مونڏي تنهنجـو پربـن پيارا،
گهورن سـان ويهـي گهورڻ، ڏاڍو سـٺو لڳـو.

تون جيت پنهنجي جاني بيشڪ وئين مڃائي،
مون ڪـي پنهنجـو هـي هارڻ ڏاڍو سـٺو لڳـو.

مون ڏي ڏسـي ڪلي تـو مون ڪـي چيـو هئو،
اڄ عبـد تنهنجـو تڙپـڻ ڏاڍو ســٺو لڳـو.





اکيون هي ويچاريون، اُجاريون رهيون
ڪنواريون امبدون ڪنواريون رهيون

رکيم ياد ڪي دل جي شوڪيس ۾،
حياتـي ڪان يادون پياريون رهيون.


بنـا منـد اکڙيـن ۾ برسـات آ،
نظـر ۾ ملهاريون ملهاريون رهيون.


جدائي جـي لمحـن نهوڙي وڌو،
چپن تي بہ تو بهہ ۾ زاريون رهيون.

پلي شهر پنهنجي جي رستن ڪان پڇ،
سدا چؤ واٽي تي پڪارون رهيون.

عمـر عبـد اوندهـ ۾ گذري وئي،
نصيبن ۾ راتيون هي ڪاريون رهيون.







تو خدا حافظ چيو، مون اکيون ٻوٽي ڇڏيون،
ساهه ڇڏ ٻٽ مان ويو، مون اکيون ٻوٽي ڇڏيون


هلندي هلندي راهه ۾ تو هٿ کڻيو ڇرکي پيس،
حادثو اهڙو ٿيو، مون اکيون ٻوٽي ڇڏيون.

جوڙ نه هندا، جوڙ ڏهندا، جوڙ رب جو آهه،
کنڌ جهڪائي مون مڃيو، مون اکيون ٻوٽي ڇڏيون.

کهڙيون ماڻهن تي ميارون ڪر ته قسمت جو سچو،
ائين ڪو قسمت ۾ هئو مون اکيون ٻوٽي ڇڏيون.

ڏي خبر اي عبد تنهنجو دلربا آهي ڪٿي،
سوال ڪنهن اهڙو پڇيو، مون اکيون ٻوٽي ڇڏيون.





ابتدا ۽ انتها تون ،
دلربا آن دلربا تون

بي وفا مان بي وفا مان ،
باوفا آن باوفا تون .

هن حياتي جي سفر ۾ ،
رهنما آن رهنما تون .


ڪانـ سرندي ڪانـ سرندي ،
رک نـ ايڏا فاصلا تون .

پل دنيا مون ڪان ڦري پر ،
ڪين رهجان هڪ خفا تون .

ڪر حڪم تو کي ڇا گهرجي ،
ڪين گهڙا دادلا تون .

ياد آهين ياد آهين ،
عبد کي هر دم سدا تون .





اها آهي خواهش پڇڙين آخري،
سچي عمر تولڻ ڪيان شاعري.

لکان سونهن تي يالڪان سنڌ تي ،
مگر آهي توري صفا زندگي .

منهنجي جان قربان امڙ سنڌ تان ،
اها منهنجي ٻولي آهي مادري .

آهن سڀ ڪنهينجا تہ رهبر جدا ،
ڪٿي مولوي ۽ ڪٿي پادري .


مون سرڪش جي لفظن ۾ جادو ڏٺو ،
ڪٿي آهي منهنجي اهڙي شاعري .

اجان تائين دل ۾ آ حسرت اها ،
صبح شام در تي پريان حاضري .

سيڻي ساڻ پنهنجا ڏٺن عبد تا ،
آهي عبد جو ڪم ڪرڻ چاڪري .







سور سان ئي شاعري آ ،
دلربا سنان دلبري آ .

ڀئي ارادن تي اٿل ٿئي ،
مولوي يا پنا دري آ .

حال جيڪو آهي حاضر ،
چانورن جي طاهري آ .

ڀاڳ وارو آهيان مان ،
تنهنجي در جي نوڪري آ .


تو لکيو آ بس هي منهنجو ،
خط توڏي آخري آ .

تون ڀئي جو ٿي نہ سگهندين ،
دل کي دلبر خاطري آ .

مان اهو ئي عبد آهيان ،
ڪهڙي توسان همسري آ .







وڻـــي زندگـــي آ،
خـــبر ڪـــا نـــ پئي آ.

ٿوري بونـــد ٿـــر، تـــي،
وڃـــي جـــڙ وســـي آ.

غمـــن ســـاڻ جهيڙو،
نـــ ڪاٿي خوشـــي آ.


جيئڻ مـــٽ مان واري،
وهـــي ائيـــن وئي آ.

وڻـــي دل ڏڪارڻ،
وڏي دشمنـــي آ.

ٻچان پاڻ کان ٿـــو،
وهـــي ڪـــٽ وئي آ.

پنهنجي عبد سڀ سان ،
ســـچي دوســـتي آ.





جذبا جاڳي پيا ،
اڌما جاڳي پيا .


گهور ستل ننڊ مان ،
سڏڪا جاڳي پيا .

ازلي پنهنجا وري ،
ناتا جاڳي پيا .

منهنجي ماضي جا ،
سپنا جاڳي پيا .

تنهنجي جدائي جا ،
پالا جاڳي پيا .

بند جملن جا ،
تالا جاڳي پيا .



اجان تائين منهنجي اکين کي آ روزو ،
کچڻ جو، پچڻ جو، چپن کي آ روزو .

ٽُکيل ڪو به ميوو نه هو باغ ۾ هڪ ،
مون سمجهيو ته پڪ سان پکن کي آ روزو .

ٻيہر هيئان ويهي ڏنو پاڻ ٻنهي ،
سچڻ پنهنجي اُنهي سُخن کي آ روزو .

جتي پنهنجا نازڪ قدم تو گهمايا ،
خاموشي جو اُنهن دڳن کي آ روزو .


ٽيو سال پورو نه آئين وري تون ،
مون سان محب منهنجن ڪکن کي آ روزو .

سوا تنهنجي ساجن ٻڌن ڪين ٻئي جي ،
ٻڌڻ ۽ سڻڻ جعو ڪنن کي آ روزو .

جڏهن محب ملنديں تڏهن عيد ٿيندي ،
اجان عبد دل جي چمن کي آ روزو .







آســـرا هـــي اجارا اُجارا اجان ،
پيار پنهنجـــا پيارا اجارا اجان .

هو ٻـهو مون جيان اڄ ٻـ آهن اُهي ،
منهنجـا سـنڌو ڪنارا اجارا اجان .

تنهنجي پيرن ڪي پيارا چمڻ واسطي ،
راهـ، رسـتا ۽ چارا اجـا را اجان .

منهنجي تخليق ۾ ڪيئن جدت اچي ،
لفـظ، جملا ويچارا اجـا را اجان .


گل رُئل ٿا لڳن هڪ ٻئي ڪان پرين ،
هـن چمـن جـا نظارا اجارا اجان .

منهنجـو آباد گهـر ڇڻ تـ برباد آ ،
ٿـا لڳـن هـي اوتارا اجارا اجان .

تنهنجي درشن ڪرڻ لئہ هزارين پرين ،
ٿارهـــن عبـــد پارا اجارا اجان .







پربن پاءِ اکين ۾ ڪجل خوبصورت،
تہ لکجي وڃي اڄ غزل خوبصورت.

وڏي ڪيئن ان کي پلا ذائقو پيو ،
چُمي جنهن ڏنو آهي ڳل خوبصورت.

ملن هڪ بئي سان تا مرڪي ستارا ،
مٿا محب هي آ محل خوبصورت.

هٿا وار تنهنجا اڳي ڪان ٿي وڙندا ،
مٿان اڄ لڳايئہ بڪل خوبصورت.


مون سيني سان سانڍي رکيو آ اوهان جو
پربن خط پراڻو لکيل خوبصورت.

اميدن جا پوکي ڇڏيا من اندر مون ،
اُهي ڏس اڄي تون فصل خوبصورت.

اگر تون جي ناهين تہ پو عبد سان آ ،
سدا ميلو سورن مٿل خوبصورت.







انسان جي ضرورت،
آ پيار ۽ محبت.

محبوب ساڻ گڏ گڏ،
هر لمحو خوبصورت.

سنسان آ اهــا دل،
جنهن ۾ سدا ڪدورت.


ڪلفت ۾ ڪجھ بہ ڪونهي
الفت ۾ آهي راحت.

سيرت سواءِ سچ پچ،
بيڪار آهي صورت.

الفت ۽ پيار محبت،
آ عبد لئہ عبادت.

(٭٭)





شهر دل جو تو بن قفل کوهہ وانگر،
کڙي آ حياتي صفا ڏوهہ وانگر.

تمنا طلب ۽ خواهش نہ ڪائي،
اهو روح آهي مئل روح وانگر.

نہ چهري تي رونق نہ مرڪون لبن تي،
لوساتيل پاري ۾ بدن بوهہ وانگر.


برهہ جي بلائن ڪيو مون تي حملو،
ببر شينهن جي هڪ خوني لوهہ وانگر.

اگر مون ڪي منزا ڏنو تو سهارو،
تري پارپوندس ٻيڙي نوح وانگر.

تڪي عبد تنهنجيون پيو روز راهون،
سڪايل، پريمي سندي جوهہ وانگر.







اشڪ اکين جي اندر،
آجيان لئہ منتظر

رول ڪنهن ماڻهو جيان،
خيال منهنجا در بدر.

آ ملون منتار اڄ،
هي حياتي مختصر.


جا خطا مون کان پئي،
ساڪري ڇڏ درگذر.

پنبڻيون توکي پسڻ لئہ،
هر وقت هن خوب تر.

مون تہ سمجهيو تون هئين،
پر هوا تي ڪليو در.

اڄ تہ مصروفيت ڇڏي،
عبد سان مل پل پهر.





سنئل غم پيارا دوبارا اُٿي پيا،
اکين لڙڪ لارا، دوبارا اُٿي پيا

ڏکن جي بحر ۾ ڏسي تڙپندي اچ،
هي سيئي ڏکارا دوبارا اُٿي پيا

خزان ۾ پرين پير پاتو چمن ڏي،
تہ نوري نظارا دوبارا اُٿي پيا


مٺي محب مرڪي ڏٺو آسمان ڏي،
تہ مرڪي ستارا دوبارا اُٿي پيا


جتي سونهن وارا ٿا پهچن اتان ٿو،
ڪنا ڪوجها ڪارا، دوبارا اُٿي پيا

وري ساڪمو سانوڻ ۽ مهراڻ موجون،
سندو جا ڪنارا دوبارا اُٿي پيا

وٺي عبد ڪي ساڻ سائين هلو ويو،
نڌڻ پيا ويچارا دوبارا اُٿي پيا

(۲۴)





حسن جهنگ جي جوني کي ڳولي سنياسي
تينن تولئہ آهيان برہن مان پياسي


اجان راز کي مون رکيو راز ۾ ، ،
نہ کنهن سان اها ڳالھہ مون اهي ڀاسي

ڇيو سچ سياڻن تہ پڏسي سان هر دم ،
نہ ماسي آجيڪا، تني ساب ماسي

اميدن ۾ آسن سندا ڌهل دل ۾ ،
وڃن ٿا اڏين ڇڻ ، وڃاڻي ميراسي

ڇوان روز ڀيو ٿو اجهو محب آيو ،
نہ اڏين تون مون تي ڪلن شهر واسي

خدا جي خدائي ۾ آهي اڪيلو ،
اجان عبد هڪڙو اداسي اداسي
(٣٤٩)



رهـــر ابڏو نــــ آ ڀــي ڪنهــن زهـــر ۾ ،
جـــو جيڏو آ وڇوڙي جـــي پهـــر ۾

هتـــي ٻئي ماڪ آهـــن جـــي صـحن ۾ ،
هتـــي ٻنيون اکيون منهنجيون سـحر ۾

قطارون نيلي آڀ تـــي پيـــو ڏسـان مان ،
مگـــر هوءَ ڪونـــج ناهـــي ڪنهـــن ولر ۾

ڪڏهـــــن ماڙيــــن ۽ بنگلن ۾ هئو اڄ ،
ســـتو آرام ســـــان پيــــو آ ڪلر ۾

الائي تون ڪڏهـــن ايندـيــن اڱـــڻ تـــي ،
ســـدا ٻڏتـــر امبدن جـــي بحـــر ۾


سـليندس مان فقـط توسـان سـليندس ،
نـــ ٿيـــو ميلو ڪٺـــي وينداس قـــبر ۾

جڏهن تون جوءِ کان جاني هليو وئين ،
نـــ مون آ پيـــر پاتـــو هـــن شهـــر ۾

مان هن جي گهور تان اڄ گهور ٿي وڃـس ،
بنائي عبـــد ويـــو آ هـــڪ نظـــر ۾

(٣٤)





بتي ٻاري وينو اهيان ،
ڪنهن جي ساري وينو اهيان

ڪنهن جي ويسر تي مان سوچي ،
ڳوڙها هاري وينو اهيان

احساسن ۽ جذبن سان گڏ،
پاڻ کي ماري وينو آهيان


ٻتي سان گڏ ڪنهن جي خاطر ،
پاڻ کي ٻاري وينو آهيان

شام، صبح، يا آڌي آهي ،
وقت وساري وينو اهيان

مشڪل جو حل ڪنهن وٽ ڪونهي
رب سنباري وينو اهيان

تنهنجو عبد هنس ۽ اهيان ،
لوڪ وساري وينو اهيان





خيالن ۾ عجب طوفان آهي،
نئين مهمان جو امڪان آهي.

جسم دل کي هو موٽي نيٺ ايندو،
مڃي هو ڪانه ٿي نادان آهي.

ڏکن سورن کي ساٿي ويو بڻائي،
اهو هُن جو وڏو احسان آهي.


وصل جا ميڻهن وسندا دل صحن تي،
اميدن ۾ اڃان باران آهي.

هو بخشيندو مون کي پڪ آسين کي،
ڌڻي سڀ لئه وڏو رحمان آهي.

خطا دارن ۾ نالو پل لکو جو،
خطا جو گهر ٿيو انسان آهي.

ازل کان عبد هڪڙي ئي سڄڻ جي،
رهيو در تي سدا دربان آهي.





تنهنجو غم موت جو سبب بڻبو،
خير آهي مري جنم وٺبو.

هت ٿيو يا هتي ٿيو ميلو،
نيٺ آخر ڪٿي وڃي ملبو.

تو سان ليکو نڪي حساب پرين،
هر حڪم ٿو ٿي اکيون پيو مڃبو.


سور تنهنجو تہ آهي سرمايو،
سانڍي تنهنڪي سڄڻ سدا رکبو.

پل ڪٽڻي ريل ڪا مٿان گذري،
راز ڪنهن سان نہ هي مگر سلبو.

مون وچن ڪي ڪٿي وساريو آ،
تا عمر عبد تي سدا رهبو.







جذبن جا پير روڪيو ، روڪي نٿا سگهو،
اڌمن جا پير روڪيو، روڪي نٿا سگهو.


مون جي لکيا، لکان پيو، لکندو سدائين رهندس ،
لفظن جا پير روڪيو، روڪي نٿا سگهو.

هن جا پڳا سپيئي ، منهنجا ٻـ سارا پهتا ،
تحفن جا پير روڪيو، روڪي نٿا سگهو.

نا هن جهلڻ پلڻ جا پنهنجي ٻـ وس کان ٻاهر ،
ڳوڙهن جا پير روڪيو، روڪي نٿا سگهو.

موجود هـت ڏسـو ٿـا، پـر پاڻ عبـد ناهـي ،
خيالن جا پير روڪيو، روڪي نٿا سگهو.





سمھي چنڊ پيو ھو، سنتو مان نہ ھوس ،
تنھنجي راھہ ڏسندي ٿڪو مان نہ ھوس .

نہ اُڏامن سمھڻ اچ مون کي آڏئو ،
پڳا جذبا تہ وٽ پڳو مان نہ ھوس .

تہ بيڪار سمجھي ڇڏي آڏئو ،
پرين ھڪڙو جوکر پتو مان نہ ھوس .


ڏسي توکي از خود اکيون ھي پنيون .
رُني دل ھٿي پر رنو مان نہ ھوس .

جڏھن کان مون تنھنجو سڏايو سڄڻ ،
تڏھن کان ٿي ہي در وکو مان نہ ھوس .

غمن ساڻ وڙھندي عمر عبد وئي ،
ڏجي پر ڏکن کان پڳو مان نہ ھوس .

(١٩٨٣)





اڄ ڪاش، وقت اهڙو جنڪرا جي سگهي،
مظلوم جي صدا ڪي ڪوني ٻڌي سگهي

اظهار تي ابندش تالو لڳل زبان تي ،
ڪينن ٻو، حق ننهنجو ڪوني ڪهري سگهي

جاهل جي زندگي آ نابين جي مثل ،
انڌو سبق ڏي انکي ٽورو ڏسي سگهي

مان ٿو ڪهران ودرا سو وقت شل اچي ،
لمکي جي ووت نوماں هاري ڪجي سگهي


ڪنڌار ا اهوني، سرڪش بـ اهو ،
ظالم کي منهن تي مرکي جو جو جني سگهي

حاڪم اهو مجان ۽ تنهنکي مان ووٽ ڏيان ،
مزدور جو بـ پٽڙو سروس وسي سگهي

مخلوق تي نظر آ، خالق جي دم بدم ،
دڪ عبد ڪنن ٿو يارو هن ڪال ڪي سگهي

(٣٤)





گهڻي وقت کان پوءِ محفل ڄمي آ،
مگر اهي افسوس تنهنجي کمي آ.

مٺا محب منهنجي عقيدت کي ڇڏ تون،
ٿيو ڇا جي چاھت مون تنهنجي ڇمي آ.

ڪڏهن ڪو کٽي ٿو، ڪڏهن ڪو هاري ٿو،
محبت جي بازي ته جڳ ڪا رمي آ.


اسان لفظ پنهنجا وساري ڇڏيا هن،
امان ڪي وساري چئون ٿا ممي آ.

خوشي جي لطف کان مان اڻڄاڻ آهيان،
خوشي کي به سمجهان ته مون لئه غمي آ.

نه ساونڻ جي موسم، نه جهڙ آسمان تي،
مگر عبد اکڙين ۾ پوپي نمي آ.

(٢٤)





درد لڪائي ڪلهُو آهي،
سور نہ غير سان سلهُو آهي

سوري تي پي مرڪي مرڪي ،
سچ سدائين چوڻو آهي .

ڪيئن پلا سي وسري وبندا ،
جن سان مرڻو پرڻو آهي .

وقت جي وک سان وک ملائي ،
وقت سان گڏجي هلڻو آهي .

ساٿي اڳتي نڪري ويا هن ،
تن کي ڊوڙي رسڻو آهي .

باجهہ سان ٻج محبت وارو ،
جاتي ڪاتي ڇٽڻو آهي .


رات انڌيري ڪيسين رهندي ،
آخر ڏينهن بہ ٿيڻو آهي .

ڪن لئہ آهي سرڙو حاضر ڇ،
ڪن سان ليکو ڪرڻو آهي

عبد سڏائي هڪڙي جو ءِ ،
هڪڙي آڏو جهڪڻو آهي .







وقت سان گڏ وک وڌائي يار، هل،
ٿي نہ سائين کان وڇين تون ڌار هل

خود خدا آهي چيو لا تقنطو،
مڙس ٿي تون ڪر همت هار هل.

نوجوان آ هميشہ کان ڪنيو،
قوم جو آهي ڪلهن تي بار هل.

سک نصيبن ۾ جي ناهن ڇانئو؟
ڪر سگهو سورن سان تون سهڪار هل.

زندگي کهڙي گذڙ جي آ سجڻ،
شير وانگي تون ڪري گجڪار هل


چڙ پٽن تي ڪو وڃو خوشبو ڇٽي،
وڏ فڙي جي ٿي اتي وسڪار هل.

مون چيو محبوب کي مرڪي وري،
منهنجي خاطر مون سان اڄ نروار هل.

نو عمر ننڍڙي کي آگر مان جهلي،
ماءَ ٿي مرڪي چيو منٺار هل.

سنڌ امڙ خواب ۾ چيو عبد اٿ،
هل هلي ڪر قوم کي بيدار هل.





نظـــــر نظـــــر ۾ اثـــــر الڳ آ .
اڪـــــر اڪـــــر ۾ اثـــــر الڳ آ

رمـــل لکـــي يـــا هجـــز لکـــي کـــو ،
بحـــــر بحـــــر ۾ اثـــــر الڳ آ

وچون ڏنگـــــي پـــــا بلا کـــــا کاٺي ،
زهـــــر زهـــــر ۾ اثـــــر الڳ آ

کـــو دال کاٺي، يـــا گوشـــت کاٺي ،
جهـــــر، جهـــــر ۾ اثـــــر الڳ آ

ڪٿي کي جهرڪيون، ڪٿي کي کونجون ،
ولـــــر ولـــــر ۾ اثـــــر الـــــڳ آ


مکـــــو، مدينـــــو، عراق اردن ،
شهـــــر شهـــــر ۾ اثـــــر الڳ آ

نـــــه عبـــــد سـينـي ثمـــــر برابر ،
ثمـــــر، ثمـــــر، ۾ اثـــــر الڳ آ

(۲۷)



حبيب جيو نراز



دل جي ڌرتي صفا سڪل آهي،
منهنجي اک توڙي پنل آهي.

گيت ڪو نئون ٻڌا ادا راڳي،
گيت هي اڄ گهڻو ٻڌل آهي.

هو ٻٽي ڪي ڪيئن راهه تي آڻي،
هو ته پاڻهي سدا پلل آهي.


ڪا نه ٿيندي ڪا غذا هن مان،
وقت جو هو صفا وپل آهي.

مون ته پرچايو هو گهڻو هن کي،
جو الاڻي اڃان رنل آهي.

گهور سان گهور نه مون کي منڙا،
عبد اڄ م تنهنجو ڪنل آهي.

(٣٤)





جڏهن ڪان تنهنجعو سڏائي ويس ،
وجود پنهنجـــو وڃائي ويـــس

پڪا ني ڏاڍي ڪئي مون لڪـن ،
هـــي راز تو کـــي ٻڌائي ويـــس


جڏهـن ڪان توســان تيـو آرشتـو ،
هـــي لوڪ ســارو ڀلائي ويـــس


اکـر حـا ڪوڙهـا لڪائي هـر هـر ،
جيـن تـي مرڪون سـجائي ويـس

نـ هڪڙي جا، تـي تڪـي تـي دلڙي ،
ســڪون دل جـو وڃائي ويـــس

هنس مان ڏاڍو اتـــا مرو پـــر ،
مان عبـد تنهنجـو چوائي ويـــس

(٢٤)





سڀني مائٽـن هـن جون ٿـا ،
جـر ڪيـئن سـان هـٿ سـڙن ٿـا

جارـــ جهول ۾ جنئن ٿـا پيـا ،
جهول جهلي سـان ڪـل ڪرن ٿـا

مـن جــو اجــرم ٿـا مائـن ،
بهريان اوڍي منجهـ پچـن ٿـا

حـس، جنـس ڪـي هـر جـا ڪولي ،
مورن سـان گـڏ مور نهـن ٿـا

ڪنهن جي سونهن ثنا جي خاطر ،
شعر هـي منهنجا امر ٿيـن ٿـا

جي جي سڌو ڪانهـ جـن ٿـي ،
موت بـ اچ سـي ڪيـن جون ٿـا


اولاد جـوان، ٿيـڻ ڪـان پـوءِ ،
ماءُ پيءُ کـي گهـٽ مچـن ٿـا

مان تـ ڪٿـي آرام ڪبان پـر ،
جذبا منهنجا ڪين سمهن ٿـا

مان تـ هنـن کـي سانـن سـڏيان ،
عبـد بـ مون کـي ڪيـن سـڏن ٿـا

(۲۱۴)





ساڻي ڪهاڙي ساڻيو ڪن ،
ڪونه مڃي سو منهنجو من

منهنجي پيار جو شاهد آهي ،
ڌرتي جو هر ڪک ڪڻ

سانسي هن دور ماڃ ٻي ،
مرشد ڪي ڏي غريب ڏن

ڪنهن ڪلهي تي پوري سدائين ،
هاري جو اڪتال ان .

گاڏي خيال سان يار هلائج ،
اڳيان آهي وڏو ٽن .


ساڻ ڪٽي آ ڪير ويو ،
هن دنيا مان دولت ڌن .

هاوي مردن تي آ اڄ ڪلهه ،
هر جا هر هنڌ، هر هر زن .

صاحب جا اڄ سيتيل ڪيسا ،
ڏاڍو لڳو ڪو آهيس ٽن .

آس لڳائي ويٺو آهي ،
عبد اوهان لئہ منهنجا من
(٢٤٢)





عطر مشڪ کان وڌ پيارن جي خوشبو،
پڇي ڪين هرگز بهارن جي خوشبو.

مٿي هٿ ڪري ۽ چيائين هلون پيا،
ڏٺي مون ڪان وسري اشارن جي خوشبو


فرش، عرش تي ۽ فضا م سمايل،
آهر جاءِ هرهنڌ پيارن جي خوشبو


عمر ڪوٽ جي ۽ مٽي جي پٽن مان،
پري ڪان اچي ٿي سنگهارن جي خوشبو.

وصل وقت ويهي شڪايت ڪيائين،
اينڊي اچ ٻه آهي ميارن جي خوشبو.

جنين پيچرن تان ڪيو پنڌ پياري،
اچي پئي انهن عبد چارن جي خوشبو.

(٣٤٥)





هي دل اداس چو آ
پل پل اداس چو آ

مقتول پيو تو مرڪي،
قاتل اداس چو آ

مهمان پيو پڇي اڄ،
محفل اداس چو آ

فرزانہ ڪان پڇيو ڪنهن،
پاڳل اداس چو آ

وسڪاري جي آ موسم،
بادل اداس چو آ


ڪيڏن پيا سيئي،
هي گل اداس چو آ

نچڻي تہ اڄ نچي پئي،
پايل اداس چو آ

اڄ عبد ڪنهنجي اک ۾،
ڪاجل اداس چو آ







راهي جو آهي هر دم منزل سان واسطو،
درياهه جو وري آ ساحل سان واسطو.

روئي، رڙي ۽ تڙپي، تاڻي ٿي انڪري،
هن دل جو آهي ازلي هن دل سان واسطو.

آئي حزان ۽ بلبل وٺي آ چمن ڇڏي،
بلبل جو ڇو ته آهي گل گل سان واسطو

ويچار هن ۽ هن جا آهن جدا جدا،
عاقل جو ڪهڙو آهي جاهل سان واسطو.

رت جا سڀئي رشتا آخر وڃن ٽٽي،
ڪهڙو ڀلا رکي ٿو پاڳل سا واسطو.


اونده ۽ روشني ۾ آهي وڏو فرق،
ظالم جو آهي ڪهڙو عادل سان واسطو.

ڪن ڪن اکين ۾ ازلي سرمو ته آ سدا،
ڪهڙو انهن اکين کي ڪاجل سان واسطو.

تون عبد آهين توکي سونهي ٿو بافتو،
پلجي ڪڏهن نه رکجان بخمل سان واسطو.

(٭٭)





چھـــرو روشـــن دل ۾ انـــڌرو ،
سمجھہ انھي کي من جو ميرو .

سنڌو جي ھر دشمن جو تون ،
ســاڙي چـــڏجان پـــيرو پيرو .

کي نہ چڙھن ٿا چت تي کڏھين ،
کـــن جـــو دل ۾ آھـــي ديرو .

کـــم لٿـــو ۽ ڏکـــڻ وســـريو ،
کو نہ کري ٿو اھو پو پيرو .


ســـياست کـــي واپار بنائي ،
ملڪ لٽـــي ٿـــو خوب وڏيرو .

شينھـن ۽ ٻکري گـڏ ڏنـا تـو ؟
توسان گڏ کيئن ٿيندو وڏيرو .

ماڳ کـي ماڻـڻ خاطـر ھاڻـي ،
جلد اٿـــي پئو ھاڻـــي ســوير و .

مســـکينن جـــو حال ڏســـي اڄ ،
عبـــد جلي ٿـــو منجھـــو جيرو .





ڪاٿــي ڪاٿــي ميلا آهــن ،
ڪي تـہ اجان بہ اڪيلا آهن .

ڪاٿي سٽ رچيون پيون ڪاچن،
ڪــن تــي پوندا وبلا آهن

آٺن، چاڙهــن اڄ پـي مارو ،
ڪاٿــي چانور ســيلا آهــن .


ساڳيو سنڌو ساڳيا ڪنارا ،
ســاڳيا ســاڳيا ٻيلا آهــن


سـياٽا آهــن منهنجـا مارو ،
ڪــن جــي لاءِ ڳهيلا آهــن .

اڳيان اڳيان گرو آ ســاڳيو ،
پويان، پويان چيلا آهـــن .

جاڳيا آهيون عبد اسان پڻ ،
ٻارن هــٿ ۾ ٽيلهــا آهــن .







تون بہ تي بيزار ٿيندين، مون ڪڏهن سوچيو نہ هو،
دل ڪسي دوکو بہ ڏيندين، مون ڪڏهن سوچيو نہ هو.

مون تہ سمجهيو راهہ هڪڙي جا مسافر آهيون،
ڇا خبر اڌ ۾ ڇڏيندين، مون ڪڏهن سوچيو نہ هو.


لوڪ تي کھڙيون ميارون لوڪ ڀل پيو ڇا چوي،
تون بہ پاڳل پيو سڏيندين مون ڪڏهن سوچيو نہ هو.

تنهنجي ڳل مونکي ڪندن ڪان وڌ ڏنو آهي عذاب،
جلد اٿين تون منهن مٽيندين، مون ڪڏهن سوچيو نہ هو.

جيئن هوائون رخ مٽائن، تيئن وٽين منهڙو مٽي،
عبد سان اهڙو تون ٿيندين مون ڪڏهن سوچيو نہ هو







اسـرن جـي آسـري جيئندا وتون ،
هـت وجوڙي جـو زهـر پيئندا وتون

هـڪ مئي محبوب جي خاطر اسان ،
لوڪ کـي ٻيرٻـن اجان پوندا وتون.

هُن وساريو هـن سندي مرضي مگـر ،
راهـ ويندن ڪان اسـان پڇندا وتون.

ڦِـب واريون ويون ڪچهريون پر اسان
سـال ٿيـا ديدار لئه سـڪندا وتون


ڪنهن تـ جادوگر جي جادو ۾ اچي ،
روز ٿهندا، روز ٿـا ڍهـندا وتـون.

دلربـا دلبر سـندي اج شهـر ۾ ،
منهن لڪائي پيا اسين گهمندا وتون.

عبـد هـڪڙي جاتيـا آهيون اسـين ،
اج بـ اعـلان بر زبـان ڪـندا وتون.







رنگ رنل آ، ڪاتي آهن،
ميلو متل آ، ڪاتي آهن

وينو آهين وقت وساري،
ساڪي مهل آ، ڪاتي آهين


پوبون پهر ۽ سريي راٺو،
راڳ چڙبل آ، ڪاتي آهين


چرڪ پري اچ خواب مان اٿس،
اڪ پنل آ، ڪاتي آهين

جاڏي ڪاڏي رستن تي اچ،
خوشبو چنيل آ، ڪاتي آهين

تنهنجو توڪي عبد پڪاري،
لوڪ قربل آ، ڪاتي آهين

(٣٤)





ابتدا تنهنجي چوڻ تي،
انتها تنهنجي چوڻ تي

زندگي يا موت ليڪن،
دلربا تنهنجي چوڻ تي

غير سان ملندو رهيس پئي،
ها مٺا، تنهنجي چوڻ تي


مون ڪڏهن نه ڪر به ڪئي ڇا؟
ڇئو پلا، تنهنجي چوڻ تي


مون قريبن کي به ڇڏيو،
تي خفا، تنهنجي چوڻ تي

پاڻ تي ماٺهو ڪلايم،
جا بجا تنهنجي چوڻ تي

هر حڪم تي عبد حاضر،
دادلا تنهنجي چوڻ تي

(۲۴۳)






0344 3919786

0300 3404488

Sahib Khan "SOORIH" Mirani

ڪافيون





محبتــن ۾ ڪــا ڪمــي ناهــي اڄان ،
الفتــن ۾ ڪاڪمــي ناهــي اڄان .

هــو پري هوندي بـــ آهــي ويجهڙو ،
قربتــن ۾ ڪــا ڪمــي ناهــي اڄان

ديــس ۾ رهندي بـــ آهيون ڏاريـــا ،
ظلمتــن ۾ ڪاڪمــي ناهــي اڄان .

اڄ بـ سنڌوءَ جي مٿان ماضيءَ جيان ،
شامتــن ۾ ڪــا ڪمــي ناهــي اڄان .

مدتون گذري ويون ليڪـــن اڄان ،
حســرتن ۾ ڪــا ڪمــي ناهــي اڄان


مهربان مڙنـــي مٿان مالڪ ســـدا ،
رحمتــن ۾ ڪاڪمــي ناهــي اڄان .

ملڪ جــي مارن جــي حالت آ اُهــا ،
حاجتــن ۾ ڪــا ڪمــي ناهــي اڄان .

اشڪباري، انتظاري عبـــد ڪـــي ،
عادتــن ۾ ڪــا ڪمــي ناهــي اڄان .







روئاري تو سيکو کلائي نٿو ڪو ،
وربو واءُ اهڙو نيائي نٿو ڪو .

اڇي ڪو کلائي تہ آهي غنيمت ،
بہ ٽي ٻول پيارا ٻڌائي نٿو ڪو .

رهي ڪو بہ هر گز نٿو راز دان پيو ،
هتي راز ڪنهن جو لڪائي نٿو ڪو .


ٽڪن تيز تيرن کان ڪي ڪي بچن ٿا ،
نگاهن کان خودڪي بچائي نٿو ڪو .


اسان دل جو سودو ڪيون مفت وينا ،
فقط ها ۾ ها يي ملائي نٿو ڪو .

ڏيئي هٿ هٿن ۾ تہ ڪيئي هلن ٿا ،
مگر روح ڪنهن سان رلائي نٿو ڪو .

اڃان عبد آهي اڪيلو اڪيلو ،
محبت جو ميلو مچائي نٿو ڪو .








لکان خط مگر اُ لکڻ تي بہ بندش ،
وجي حال اوربان، وجڻ تي بہ بندش .


نہ قاصد پڄائي سگھان ٿو مان هاڻي ،
نکي خط رسائي سگھان ٿو مان هاڻي ،
بڄان ياڻ جيکر ، پڄڻ تي بہ بندش .

نہ کنهن ساڻ احوال اوري سگھان ٿو ،
نکي راز کنهن سان مان چوري سگھان ٿو،
کڇان جي مان کنهن سان، کڇڻ تي بہ بندش .

قمر کي هي نياپو مان روئي ڏيان ٿو ،
اهو عرض ساڳيو صبا کي کيان ٿو ،
بني کنهن بشر سان ملڻ تي بہ بندش .

اڳي عبد درشن ڪرائي پيو دلبر ،
سکي راهہ هاڻي ڏسان وينو هر هر ،
غضب آ، پري کان ڏسڻ تي بہ بندش .






اڄ مرڪ سان مرڪ ملاءِ ڪٺي ،
وڪ محبت لاءِ وڌاءِ ڪٺي ،

توسان ازلئون محبت الفت آ ،
توسان چاهت آ، توسان قربت آ ،
توسان دل کي دلبر فرحت آ ،
مون تي ابر ڪرم تون وساءِ ڪٺي .

منهنجي سر جو آهين سائين تون ،
توڙي محب نہ مون کي پائنين تون ،
ڪٿڙو بہ حڪم اڄ هلائين تون ،
آهيان حاضر حڪم هلاءِ ڪٺي .

بہ تي ٻول ٻڌا غم لاهي ڇڏ ،
اڄ محفل ۾ مون کي عبد تہ سڏ ،
پنهنجي گولي غلام کي گوڏي گڏ ،
ناتہ نند پن جو تون نپاءِ ڪٺي .






ڏاڍي سڪ سڄڻ تنهنجي لڳندي آ ،
دل روز ملڻ لئہ چوندي آ ،


پرديسي پرين وڃي ويٺين پري ،
لوڙ پاڙي ۾ تيئن دلڙي ڳري ،
ڏاڍا حيلا ڪيم، پر ڪانہ سري ،
هر ويل ڪا دونهي دکندي آ .

وڃا وهم وڌي ويچار وڌي ،
منهنجا محب وڃا لاچار وڌي ،
وڃا دل تي غمن جا بار وڌي ،
هر رات قيامت ٿيندي آ .

پيو نڙيان، ترسان تولئہ سدا ،
تي بادل برسان دم دم مٿا ،
الائي ڪهڙي سبب ٿيو آهين جدا ،
دل سور سدائين سهندي آ.

نٿي سڪ لهي، نڪو تون ٿو اچين ،
ڪيڏو ڏور اچان پيو يار رهين ،
مري روز جيئان ڪڏهن ڪو نہ پڇين ،
دل عبد اداس هي رهندي آ.





اڄ مرڪ سان مند ملهار ٿئي ،
دل باغ و بهار ٿئي


تنهنجي مرڪڻ ۾ امنگ ملا ،
تنهنجي کلڻ ۾ خوشبو ڪاڻ ملا ،
جڏ مرڪي هائي جو هاڻ ملا ،
ٿون نيهن لڳي تنون پيار ٿئي

جڏ نفرت ٿئي، ڪر محبت تون ،
اوراڄ ڪر فرست تون ،
جڏ ڪلفت ٿئي ڪر الفت تون ،
اڄ مون لڏ صدور وار ٿئي

ٻلاڪسن جدا تون رهندين پيو ،
ڪيس لوڪ کان هائي لڪندين پيو ،
چاڳ ماڻهن کان اجان پڇندين پيو ،
جيڪا دل ۾ اٿئي اظهار ٿئي

تون منهنجو ٿي مان تنهنجعو ٿيان ،
تون مون لڏ جيءُ، مان تو لڏ جيان ،
غم پنهنجا ڏي، مان خوشيون ڏيان ،
اهڙو عبد سان اڄ واپار ٿئي





هي ماٺو اجايو پيا ڪرڻ ڏند،
تون منهنجي پسند، مان تنهنجي پسند


سو پوشن ۾ جي لڪايون ڪٺي،
پنهنجي جذبن ڪي جي دٻايون ڪٺي،
هن ڦشڪ ڪي ڪٽ ۾ ڇپايون ڪٺي،
وٺي ملڪن ۾ مناهيءَ سگند

اڄ ڄاڻن ڪي پلاڪهڙي خبر،
هن عشق ڀلاري ڪيڏو اثر،
ٿيا ڪيئي محبت جا مظهر،
مڙيا مور نه، ٿيا قيد و بند

تون مون لئه جيءُ، مان تو لئه جيان،
تون منهنجو ٿيءُ، مان تنهنجو ٿيان،
تون مون ۾ آهين مان تو ۾ آهيان،
آهي برهه سين ڪان بالا بلند

پنهنجي پيار جو چرچو عام هلي،
ڪو ڪيئن چوي ڪو ڪيئن چوي،
پيو عبد خاموشي ساڻ ٻڌي،
پنهنجي نيڻهن جا نغما ٿيا هرهند





گهڻا آزمائي دنيا ۾ ڏٺا سين،
ڇرٻا پي ٿيا سين سچ پرکيا سين


هتي آهي هر ڪو ئي سک جو تہ سانگي،
ڏکن ۾ نہ ڪوئي وري ڪو ٻہ وانگي،
جواني ڏکن ۾ وڃائي وڃا سين.

جنين لئہ مٺا سون، ٿيا ڪين ڪانڌي ،
مگر اڄ بہ دلڙي انهن لاءِ ماندي ،
سدائين رندن ۾ پئي رلندا رهيا سين .

پيو آڪٽي ۾ اسان کي ستمگر ،
اصل کان قتل آ اسان جو مقدر ،
حياتي ۾ هڪ پل نہ خوش ٿي کليا سين .

صفا عبد آهي اصل کو اناڙي ،
پيو ٿو وڃائي هو هڪ هٿ جي تاڙي ،
پنهنجي سادگي ۾ ٺي لٽجي ويا سين .






جي تو جهڙو ڪو مهان ملي ،
منهنجي جذبن کي به زبان ملي .


وهي وهي راتيون وهايان مان ،
ڪيئي ڪافيون گيت ٺاهيان مان ،
سڀ ساري سور سٺايان مان ،
ڪو محب مٺو مهمان ملي .

ڪو رحم ڪري مون ڏانهن اچي ،
ڪجهه سور سٺي، ڪجهه پور ٻڌي ،
ڪي سربستا احوال پڇي ،
ڪو همدم ٿي انسان ملي .

مان سوچيان ٿو ڪا، ڪافي لکان ،
پر ڇا مان لکان، ڪيئن عرض ڪيان ،
انهي ٻڌ تر ۾ ٻڏان ۽ تران ،
ڪيئن محفل ۾ اڄ مان ملي .

ڪو دل سان ڪٺي مون کي عبد سڏي ،
ڪو پير ۾ وهاري جاءِ ڏيئي ،
ڪجهه پاڻ سلي ڪجهه مون کان ٻڌي ،
اٿين دل کي ڪو درمان ملي .






محبت جو معراج ماڻن ٿيون اکڙيون ،
پري کان پريءَ کي سجاڻن ٿيون اکڙيون .

جتي دلڙي ڏڙڪڻ ۾ مشغول آهي ،
اُتي اک کي اٽڪڻ جو معمول آهي ،
ڪري راز ظاهر چاڻن ٿيون اکڙيون .

سدا دل روئي ٿي ناهي ڪل ڪنهينکي ،
اکين جي روئڻ جي خبر جنهنکي تنهنکي
بنا مند برسات آڻن ٿيون اکڙيون .

ڀرين نظر سان جڏهن ڀي ڏسن ٿيون ،
اکيون عبد ماڻن سان موهي وجهن ٿيون ،
اڻن تات تاري ۾ تاڻن ٿيون اکڙيون ،






تنهنجـــي نالي ســـان مشهور آهيان،
مان تنهنجـــو ملـــا مشكور آهيان.


منهنجـي ســر جــو آهيــن ســائين تون ،
اتئي پارت توڙ نيائيـــــــــن تون ،
مان نوكـــر منهنجـــو ســـائين تون ،
مان تنهنجـــــي اڳيان مجبور آهيان .

مان ڏاڍو ڏكايـــــل آهيان پريـــــن ،
پيـــو تـــو وٽ دم دم دانهيان پريـــن ،
ســچي دنيـا مان توكــي چاهيان پريــن ،
تنهنجــي چاهـــ ۾ چكنـا چور آهيان .

جـــي پـــر هجـــن مان اڏامـــي اچان ،
تنهنجــي قدمـــن تـــي پيـــو روز كران ،
تنهنجـــا پيـــر چمان پيزار چمان ،
كيان كيئن منـا تـــو كان ڏور آهيان .

هـك تـــو رو هجـي جـو لاهيان كٿـي ،
هـك احسـان هجـي جـو ڳايان كٿـي ،
جـــي پاڻ كـــي عبـــد بنايان كٿـــي ،
تـــ بـــ تنهنجـــي اڳيان اٽپور آهيان .





تنهنجيون منهنجيون اکيون اچ ہکجي ويون،
جن گاربھر کان ککجي ويون.


ڏنو اکڙين جو مون پيار عجب ،
سچ پچ هئو اسرار عجب ،
وه وا جو هيو اچ وار عجب ،
بي جان ۾ گونگيون بڻجي ويون .

ٿيون منهنجيون اکيون جڻ تنهنجيون اکيون ،
وري تنهنجيون اکيون ٿيون منهنجيون اکيون
ميلاپ لئہ سالن کان هيون بکيون ،
اچ کير ۾ کنڊ ٿي رلجي ويون .

تون مون ۾ گم مان تو۾ گم ،
ٿيا ختم سڀئي اچ خيال وهم ،
ٿيو منهنجو دم سو تنهنجو دم ،
بس پنهنجيون خوشيون جڻ گڏجي ويون .

هئون ديدون ديدن منجھ کُتل ،
وهيا ڳوڙها جڻ کئي سنڌو اتل ،
نہ پئي عبد ۾ سائين جي ڪا ڪل ،
هن ساري جهان کان کنجي ويون.






اڄ پاڻ بڻي ٺهراءِ ڪيون ،
جو الفت ۾ ٺڪراءِ ڪيون .

مزو ڏاڍو آهي الفت ۾ ،
پلا ڇا هي مٿا ڪني ڪلفت ۾ ،
جئري محبت وارو جنت ۾ ،
جو نہ پاڻ وچي پر ڇاءِ ڪيون .

مج منهنجو ڇيو محبوب مٿا ،
تلي ٺهڪ ڏيئي تيون پاڻ ڪنا ،
سڄي عمر ڏاڍا مون سور سٺا ،
سوري سڪ جو سڳو سر ڇاءِ ڪيون .

ڪيئن عبد سان سائين آهي مليو ،
ڪيئن ڌرتيءَ سان آسمان رليو ،
جيئن اڄ وصال جو واءُ ڪليو ،
تيئن پاڻ وصل ورجاءِ ڪيون .





اڄ مون سان ٿي همراهه پرين ،
متان ڀلجي ٿيان گمراهه پرين .


هڪ تنهنجو سهارو تون ٻه جدا ،
هي ڌرتي تنگ آ ڇاڻي خدا ،
مان ڪاڏي وڃان ڏس منهنجا مٺا ،
هيڏي پاٽي آ، هيڏي باهه پرين .

اڄ ڌرتي تان ويو پيار ڪٿي ،
۽ سڪ جو ويو سنسار ڪٿي ،
ويو رشتن تان اعتبار ڪٿي ،
ڪجي ڪنهن تي ڀلا ويساهه پرين .

ناهي تو ڙ نڀائڻ وارو ڪو ،
اها دانهن ڪري ٿو پيو هر ڪو ،
پل پهر جو ٿي پيو آناٽو ،
آهي چئن ڏينهن لئه چاهه پرين .

ڪنهن موڙ تي موٽي ملنداسون ،
گڏ عبد ۽ سائين رهنداسون ،
اهو وقت ايندو ويهي ڪلنداسون ،
آس مولا تان نه تون لاهه پرين







تون منهنجي اکين ۾ وٺو آن ،
۽ دل جي صحن ۾ وٺو آن .

سو ڪوهن تي پل يار وسين ،
توڙي ڪوٺن ۾ تون بند هجين ،
پل پهر ٻه ڪنهن سان ڪين ملين ،
ته به سيين دلين ۾ وٺو آن .

سنسار جي کهڙي ڪنڊ ۾ هجين ،
پل ڪنهن ٻه جزيري ۾ تون لڪين ،
ڪنهن بيت ۾ پل گمنام رهين ،
جڻ منهنجي وطن ۾ وٺو آن .

تنهنجا لفظ لڪيل تا ڳالهائن ،
مونسان ڳالهيون ڪري مونکي پرچائن ،
هن عبد ڪي ڏاڍو تا پائن ،
جڻ پاڻ خطن ۾ وٺو آن .






مون کـي توري صـفا ملاقات کپـي،
سچو ڏينهـن کپـي، نکـي رات کپـي.

وچ جان وجهـي منهنجـي گيتـن ۾،
پئجـي سـاهه وجـي جيئن نغمـن ۾،
هـي کافـي ناهـي چنـد لمحـن ۾،
ڏي پيارا ڏي، بـس ڏات کپـي.

ڪجهه چيـن ملي، ڪجھ سـور لهـن،
ڪجهه پور رهـن، ڪجهه پور وڃـن،
ڪجهه دوست ڪلن ڪجهه غيـر روئن،
بـس مرڪ جـي هـڪ سـوغات کپـي.

هـي عرض توکـي اڄ ميٺـو آ،
اڃـي عبـد پنهنجـي سـان ملٺـو آ،
هاڻـي هـو ڏ تان توکـي لهڻـو آ،
دل ڌرتيءَ کـي برسـات کپـي.






توکي کنهن تہ پڙهايون يار پنيون،
جو مون کان وتين ٺو منهڙو متيون.


سڀ مون تي مڙهيئه ، مون کين ڪچيو ،
جيئن توکي وٺيو ائين مون بہ کيو ،
مون پاڻ تي سارو ڏوهہ وڌو ،
کهڙيون توتي وڌيون مون يار ڇتيون.

مان بيوس تون آزاد آهين ،
برباد ڪري آباد آهين ،
مان وسري ويس تون ياد آهين ،
وئين سورن ۾ تون مون کي ستيون.

تو پيار کي سمجهيو يوڳ صفا ،
تڏهن پنتي هتي ٿيو آهين جدا ،
اڻڄاڻن کي کهڙي خبر پلا ،
کيئن زهر جون پيئبيون آهن وٿيون.

توکي عشق لڳي پوسمجهي وچين ،
پنهنجي ماڳ تي موٽي من ا چين ،
پو عبد سان گڏجي يار رهين ،
آهي آس اجان گڏ عمر کٽيون.





ناراضگي ڇڏي اڄ ڪل ڪل ڪٽي اي سهڻا ،
محفل ۾ محب مرڪي مل مل ڪٽي اي سهڻا .


تنهنجي جفا وفا ۾ منجهي وڃي ته وه وا ،
مصري ۽ کير وانگي گڏجي وڃي ته وه وا ،
هنجڙا ڏيئي هٿن ۾ هل هل ڪٽي اي سهڻا .

دل جي صدا سڻي اڄ ڪر معاف سڀ خطائون ،
دلبر مان توکي دم دم ڏيندس پيون دعائون ،
پيهر ڪٽي سجايون محفل ڪٽي اي سهڻا .

اهڙو ته اڄ ڪيون اڄ اقرار اي پيارا ،
توڙي رواج ٿيون ٻئي نروار اي پيارا ،
آغوش ۾ تون آٽي جهل جهل ڪٽي اي سهڻا .

مان عبد تنهنجو آهيان ، آهين تون سر جو سائين
ري ملهه تنهنجو خريديل نوڪر آهيان سدائين ،
دنيا سڙي پچي پئي پل پل ڪٽي اي سهڻا .





تون زور آهيـــن تون زور پربـــن ،
ڇـــا هوڏ هٺـــي ڪمزور پربـــن


دل پيـش ڪيـم جان پيـش ڪيـم،
هـــر چيـــز وقـــف تـــو لاءِ صـــنم ،
مون ڪـــي پرور جـــو آ پيارا قســـم ،
ســر ســاهـ بـــ تـــو تان گهور پربـــن .

توسـان هـو ڏ حجـت جـي جاءِ نـــ آ ،
توســان ٻانهـن ٻڌڻ جـي وات مـنـا ،
ڪيــر توســان مقابـل ٿيندو و پلا ،
تون ســـهٹن ۾ شـــهزور پربـــن .

هـــر حڪـــم تـــي آهيان حاضـــر مان ،
تون آقـــا آهيان نوڪـــــر مان ،
تنهنجـــي مشتاقـــن ۾ ظاهـــر مان ،
ڪٿـــي ماس هڏن تان ڪور پربـــن .

بـــس جـــهڙو تـــهڙو آهـــيان مان ،
پـــر توڪـــي هـــر دم چاهيان مان ،
ڪهڙو عبـد ٿـي سينو ساهيان مان ،
آ اوري آ ڪجهـــــــ اور پربـــن .





محبوب ملي تـــو ياڳـــن ۾ ،
ڪنهنڪي خوابن ۾ ڪنهنڪي جاڳن ۾ .


ڪـي روبـو روبـو راهـ ڏسـن ،
ڪـي پانڌي پـل پـل پيـا تـا پچـن ،
ڪـي ڦالون ڪنـڊ ۾ ويهـي وجهـن ،
ڪن جو وقت وجي پيو او جاڳن ۾ .

ڪـي روز لُڇـن پـر ڪيـن ڪُڇـن ،
ڪـــي روبـــو روبـــو حال چون ،
ڪـي حال اندر جـو چئي نـ سگهن ،
ڪـي عمـر رهـن تـا حجابـن ۾ .

ڪـــي دائم درشـــن ڪاڻ ســـڪن ،
ڪـي محب پنهنجي سـان روز ملن ،
وري سـڪندي ڪـن جا سال وڃـن ،
ڪـــي روئندا رهـــن تـــا ماڳـــن ۾ .

ڪـي عبـد سـڏائي اسـير ٿيـا ،
ڪـي برهـ ۾ بيوس امـيـر ٿيـا ،
ڪـي شاهنشاهـ فقيـر ٿيـا ،
ڪـي عمـر رهـن تـا عذابـن ۾ .






اگــم آيــو هلي دلبر، چوان لک بار بســـم الله،
ٿيــو راضــي مٺــو منور، چوان لک بار بســم الله.


وري اڄ گهوٽ گهـــر آيـــو،
ســـڄڻ لئہ ســيج ســـينگاريو،
زبان تــي ورد آهرهــر، چوان لک بار بســم الله.

لٿــو آ چنــڊ چوڏهيـــن جـــو،
اجهــو ڏرتــي مٿـــان يـــارو،
ڪيــو اڄ نور آ مظهــر، چوان لک بار بســم الله.

مٿان گهـــر ٻار ســـڀ گهوريان،
پڇـــي وس ســـون ســـان توربان،
وري آيو ولهــي جو ور، چوان لک بار بسم الله.

ڪُـــلي ويـــا جاهـــ جـــا چارا،
ويـــا دک درد ســـڀ ســـارا،
ڏنائيــن عبــد کــي آڏر، چوان لک بار بســم الله.





ڪٿي سور سانوڻ اسان لاءِ آيو،
وري مينهن اڪرين تي پل پل وسايو


سڪا وڻ به ساوا ٿيا هن سيئي،
ٿيا خوش زماني جا ماڻهو مڙيئي،
سگهو آءُ جاني پکي پير پايو

ٿرن ۽ برن ۾ ٿيون اڄ بهارون،
مٺا آ تون موٽي وري واعدا پاريون،
سوا تنهنجي سورن آ ڏاڍو ستايو

ڏسي ڪاريون ڪڪريون آئين ياد دلبر،
ٿا ماضي جا ڏينهڙا اچن ياد هر هر،
بدن برهه جي باهه آهي تپايو

ڇيو تو هو ساڄن تہ سانوڻ ۾ ايندس،
اچي عبد توکي دلاسا مان ڏيندس،
اچڻ جو عجبيا ڪيو هاڻي سعيد






ماٺـــو ماٺـــن جهڙا کوڙ پرســن،
پـــر مشڪـــل آ تنهنجـــو جوڙ پرسن .

ناهـــي تـــو جهڙو چـــا مثال ڏيان ،
تون جواب آهيـن ڪهڙو سـوال ڪيان ،
تنهنجي سونهن سج ۾ مان ڪمال جوان .
پـل سـينگاري اچـن تـه ڪروڙ پرسن .

سـج اپرڻ سـان تارا گـم ٿيـن ،
ائيـن تو کـي ڏسـي تـا حسـين لکـن ،
تنهنجي سامهون مـثا سي ڪيـنن اچن .
تـــون سـٺهن ۾ شـــهزور پرسن

وٺيـــن حســـن وارن کان کوء کٿـــي ،
تنـــن منهنجـــي دل جـــو بار ڏٿـــي ،
تنهنجـــي روز ازل کان کهرح کهٿـــي .
کمـــو عبـد سـان تـــو اتوڙ پرسن






منھنجي دل ڪي اھين بس تون ئي پسند،
تنھنجي زلف ڪيو آھي قيد و بند.

تنھنجي زلفن جا آھن زھري ڏنگ ،
واري واري وجھن ٿا واري ونگ ،
ڪيئي عاشق ويٺا ھاري جنگ ،
اھڙو تو ۾ آھي بس پيارا ڦند.


تنھنجي نالي سان مشھور آھيان ،
سچ تنھنجو مٺا مجبور آھيان ،
تنھنجي محبت جو مذڪور آھيان ،
منھنجو توسان پيارا آ پيوند.

اھڙو جادو آھي تو ۾ يار مٺا،
ٿيا پير فقير ۽ شاھ گدا ،
تنھنجي سر جي مٿان ڪيئي عبد فدا ،
ڪيئي روز نھارن تنھنجا رند .




والیون





0344 3919786
0300 3404488

Sahib Khan "SOORIH" Mirani



وڻني نهاربان راهہ .

مارو ايندا، ڪين چڙيندا

پنو هارن سان پربت پراٽي .

جاٽـي هڪڙو الله.

مارو ايندا ڪين چڙيندا.

سنگهارن ڪي ساهہ تو ساري،

ڪانهي ٻي ڪا واهہ .

مارو ابندا، ڪبن چڙيندا

ساوڪ لاءِ دلڙي سڪي ٿي،

سارياں گولاڙا گاهہ .


مارو ايندا ڪين چڙيندا

عبد مارن لئہ دل آ مانديء

ناهي سنڌن م ساهہ .

مارو ايندا ڪيـن چڙيندا





مارن جـــــو مذڪور،
مونکي چين تي ورد وظيفو

سام سلامت رکج سدائين،
مارن جـــــو منشور،
مونکي چين تي ورد وظيفو


باد صبا وچ مارن کي چئه،
مـــــارئ آ مـــــجبور،
مونکي چين تي ورد وظيفو

ساري، ساري سانگيئڙن کي،
روز وجـــان وهـــلور،
مونکي چين تي ورد وظيفو

عمر اسان وٽ اصلنون ناهي،
الـــو هـــي دســتور،
مونکي چين تي ورد وظيفو

عبد ـ آهي هر ڪرمون ڪان،
ڏوتـــي سنهـــا ڏور،
مونکي چين تي ورد وظيفو





نال نڌر ڪــــي نيوهـــــا،

ڪين ڇڏيو ها چوري چيرين

ننگ ڇڏيندو ڪوئي ناهي،

وبهـــي ســوچ ڪيـــو هـــا،

ڪين ڇڏيو ها چوري چيرين

جهڙي تهڙي آءُ اوهان جي ،

چوري ڪيـــن چنـــو هـــا،

ڪين ڇڏيو ها چوري چيرين

اثون برابر ڪم ذات هيس پر،


پنهنجـــي ذات ڏســـوها ،


ڪين ڇڏيو ها چوري چيرين

پنهل مون ڪان ڪين چنوها،

عبـــد جـــو عرض محوهــــا،

ڪين ڇڏيو ها چوري چيرين





اهي حسن جي هاڪ،

شاهہ لطيف جي نگريءَ ۾

ڪي تہ چڪائي چاڪ وڃن ٿا،

ڪي تہ ٿين ٿا چاڪ،

شاهہ لطيف جي نگريءَ ۾

ڪن جو دليون ڪاريل آهن،

ڪي ڪي دليون لاڪ ،

شاهہ لطيف جي نگريءَ ۾

سچا سچ ڪان ڪين مُڙن ٿا،

اُهي اصل بي باڪ،


شاهہ لطيف جي نگريءَ ۾

عبد اکين ۾ سرمو پايان ،

پاڪ پيرن جي خاڪ،

شاهہ لطيف جي نگريءَ ۾





وڏو آهـــــي رنـــــگ،

شاهہ پٺائي تنهنجـي درتـي

جاڏي، ڪاڏي چوريو سڀ ڪنهن،

چاهـــــت وارو چنـــــگ،

شاهہ پٺائي تنهنجـي درتـي

جڏهن تنهنجي درتي ساٿن،

سـپني سـنگ بسـنگ،

شاهہ پٺائي تنهنجـي درتـي

تنهنجي حڪم تي جوٽي جوانن،

نفرت خاطــر جنـــگ،


شاهہ پٺائي تنهنجـي درتـي

معاف ڪندو عبد سيد صدقي،

ننگـــي تـــي آننـــگ،

شاهہ پٺائي تنهنجـي درتـي





کدري وانگـــــي هان،

قارون قارون آپريــــــن

نمنهن نما پابند ٿيا،

تڏهن تہ چپ آڪان،

قارون قارون آپريــــــن

پليو تو آپيار ڪي،

ڪـــاڏي وڃـــان آن،

قارون قارون آپريــــــن

پــورا پورا ٿـي ويـو،

آ شـــائن جـــو ٿان،

قارون قارون آپريــــــن

هنيون هڪڙي هنڌ ٿئي،

ڏاهـــا ڏســيو ڏان،


قارون قارون آپريــــــن

اٿلپ خوشيون عبد لئہ،

تـر م حـسينن آ چـان،

قارون قارون آپريــــــن





ساجن تنهنجي لاءِ
رڙيون نڪرن روح مان

ڏوڪانو ڏوستي جو
مون سين گڏجي کاءِ

قسمت تنهنجي هٿ ۾
قسمت کي بدلاءِ

الفت جي اسباق کي
وري وري ورجاءِ


وصال بلڪل ويجهو آ
جيءُ ۾ جهاتي پاءِ

مائين جي محبوب کي
برهه کي ڀاڪر پاءِ

عبد قضا کان اڳ ۾
ساجن کي سرچاءِ

ساجن تنهنجي لاءِ
رڙيون نڪرن روح مان





تنهنجن خطن مان،
تنهنجي خوشبو ايندي آهي

تنهنجي پيار شهر جي ،
رستن گهٽين مان ،
تنهنجي خوشبو ايندي آهي


جاتان تنهنجو گذر ٿيو،
انهن دڳن مان،
تنهنجي خوشبو ايندي آهي

جنهن جنهن سان تو هٿ ملايو،
تن جي هٿن مان،
تنهنجي خوشبو ايندي آهي

تنهنجي شهر جا ماڻهو موتي ،
ڪارن پورن مان،
تنهنجي خوشبو ايندي آهي

مون کي تنهنجي ساجن سائين،
سيني عبدن مان،
تنهنجي خوشبو ايندي آهي





مون وٽ حـــــق موجود،
سور سيراندي پور پيراندي

ســـــيني هٿيارن ڳان وڏ آ،
برهـــــ ســـــندو بارود،
سور سيراندي پور پيراندي


ڪيئي نرمل، سوره، سياڻا،
نينهـــــن ڪيـــا نابود،
سور سيراندي پور پيراندي


پيار محبـــت آهـــي عبادت،
ماڻهوءَ جـــو مقصـــود،
سور سيراندي پور پيراندي

عشق سواءِ سمجهہ عبادت ،
بلڪـــل آ بـــي ســـود ،
سور سيراندي پور پيراندي

ڪربل ۾ ڪيئن مرڪي مليا،
ســـاجد ۽ مســـجود ،
سور سيراندي پور پيراندي

عبـــد اڃان تون عشـــق شهـــر ۾،
آهيـــــن نـــــو مولود،
سور سيراندي پور پيراندي





دلبر تو کان دور،
مون لئہ دنيا کارو پاڻي

تو کي سارا ڪل ني ڪاڻ هي،
مان آهيان مجبور ،
مون لئہ دنيا ڪارو پاڻي


ناحق ڪنهن ڪان ناتو توڙڻ،
ڪهڙو آ دستور ،
مون لئہ دنيا ڪارو پاڻي

تنهنجي جدائي ۾ نسريو آ ،
رور نئون ڪوسور ،
مون لئہ دنيا ڪارو پاڻي

تو کان دوري، سوري آهي ،
موت ڪيم منظور ،
مون لئہ دنيا ڪارو پاڻي

چاهت واري چڪي هڻنان ،
عبد کي پيڙن پور ،
مون لئہ دنيا ڪارو پاڻي





شاعـــر جـــو منشور ،

امـــن محبـــت پانـچارو

كلفـت كان ۽ نفرت كان هـو.

هـــــر دم اهــــي دور ،

امـــن محبـــت پانـچارو

هن جي من جي مرضي آهي،

كــو بـــ نـــ تنهن مجبور ،

امـــن محبـــت پانـچارو

ڌن ۽ دولت جـي مستي ۾ ،

ماڻهـو نـــ تـــنهن مـــغرور ،


امـــن محبـــت پانـچارو

عبـــد اچاري هرم وينـــو ،

محبـــت جـــا مـــذ كور ،

امـــن محبـــت پانـچارو





تو وٽ خوشين جا انبار
مون وٽ ڏونگــــــر جيڏا ڏکڙا


هر جا، هر هنڌ، جيت ا تنهنجي
منهنجــي هــر هنــڌ اهــي هار
مون وٽ ڏونگــــــر جيڏا ڏکڙا


تنهنجو هر هڪ اهي سلامي
مــون کــان دنيــا آ بـــيزار
مون وٽ ڏونگــــــر جيڏا ڏکڙا

تنهنجــو جــنڙ اهــي سجايو
منهنجــو جـــيئڙ آبـــيڪار
مون وٽ ڏونگــــــر جيڏا ڏکڙا

تنهنجــي چوڌاري گــل گلابــي
منهنجـــي مقدر ۾ تيـــا خار
مون وٽ ڏونگــــــر جيڏا ڏکڙا

منهنجو هڪڙو سائين تون ان
تولڏ اهـــــن عبـــــد هزار
مون وٽ ڏونگــــــر جيڏا ڏکڙا





مرڪن جي سرهاڻ،
وک وک تي وٺي مشڪ پکيڙي

تنهنجي اچڻ سان من اندر ۾
خوشين جا ٽيا ڪاڻ
وک وک تي وٺي مشڪ پکيڙي


تنهنجي آني عيدون ٿي ويون
موجن ۾ من مهراڻ
وک وک تي وٺي مشڪ پکيڙي

تنهنجي روشن جهري سان آ
اونده ۾ چانڊاڻ
وک وک تي وٺي مشڪ پکيڙي

اکڙين اکڙين سان ڳالهائي
ڪني آ روح رهاڻ
وک وک تي وٺي مشڪ پکيڙي

ڏهڪ ۾ مرڪون عبدالله تحفا
جيڪي آندءِ ساڻ
وک وک تي وٺي مشڪ پکيڙي





ڏجي ۾ سوا ڏکر
محبت ملڪ ۾ ڏاڍي مهانگي

سمجهه ڪان ٻاهر آهي ساٿي
ڪهڙو ٿيو آ جڳر
محبت ملڪ ۾ ڏاڍي مهانگي

ڪوشش جون دلين سي وڃون آهن
صفا جهڙ ٿـ ـ پـر
محبت ملڪ ۾ ڏاڍي مهانگي


ڪاڏي ويون قرب ڪهڙيون
جن ۾ پيار نجر
محبت ملڪ ۾ ڏاڍي مهانگي

محبت سنڌ ۾ ٿئي سهانگي
سانئين ڪري سڪر
محبت ملڪ ۾ ڏاڍي مهانگي

هڪ ٻئي ڪان ٿي ڌار وڃا ٿي
جاني جي جگر
محبت ملڪ ۾ ڏاڍي مهانگي

عبد الواحد ڪاڏي ڪهڙي وٿي
سـ ـي ان جو اسر
محبت ملڪ ۾ ڏاڍي مهانگي





رسـنا مركـن سـا،

تنهنجـي آمـد جـو ٻڌي

منهنجـي مـن اڱـڻ تـي،

گلڙا ٽهڪـن پيـا،

تنهنجـي آمـد جـو ٻڌي

تـر، جـي واري وانگيان،

جذبـا جرڪـن پيـا،

تنهنجـي آمـد جـو ٻڌي

تنهنجـي آجيان لئه،

ڳوڙهـا وڌن پيـا،


تنهنجـي آمـد جـو ٻڌي

اڄمـا عبـد اندر ۾،

نچـن، جهومـن پيـا،

تنهنجـي آمـد جـو ٻڌي





ڪڙڪي پيو پارو ،
هاري گهڙي پيو اڏ ۾

اهي مهينو جنوري ،
پاڻي جو تس وارو ،

جوڙو جوتي هليو ،
ڏسي صبح جو تارو ،

رت ولوڙي هر وقت ،
پر رئيس اتس مارو ،


ساڳي کاڙي ساڳيو ڳن،
ڪونهي غريب جو چاڙهو،

ڪمدار ڪٽي ويو قرض ۾ ،
ميڙي، سيڙي سارو ،

عبد هميشه آ هنيو ،
سچ سندو نعارو ،

ڪڙڪي پيو پارو ،
هاري گهڙي پيو اڏ ۾ .





گـُـل جـــي پاڪـــر ۾

مرڪـــن ماڪ ڦڙا پيــا

اُفـــــق ڪان ئي اڳ ۾

هـــن جـــي آڳـــر ۾

مرڪـــن ماڪ ڦڙا پيــا

چمڪن چاندي وانگيان

جهنـــــــگ ۾ ۽ بر ۾

مرڪـــن ماڪ ڦڙا پيــا

چاهت جي چرئي جيان

ٻنهنجـــي ئي پـــر ۾


مرڪـــن ماڪ ڦڙا پيــا

اڳيان عبـد اکيـن جـي

هـــر هـــڪ منظـــر ۾

مرڪـــن ماڪ ڦڙا پيــا





تــو ؏ منهنجــو ســاھ
كيئن مان پليان آســـرو

ســك آھــا ســاڳي اجان
رويــو ڏســـان راھـــ
كيئن مان پليان آســـرو

تــو لئہ واٽون ويھـــ پــر
ناھـــي مون كـــي واھـــ
كيئن مان پليان آســـرو

سورن سنديون سو كڙيون
اندر منجھـــ اٿاھـــ
كيئن مان پليان آســـرو

كونـــ وســاريو تــو بـــ آ
مون كـــي آ ويســاھ
كيئن مان پليان آســـرو


سنڌ جــي ويري ســان پلا
كريان كيئن مان ٺاھـــ
كيئن مان پليان آســـرو

توٽي پاڻ چيـــو ھئو
آس نـــ عبـــد تون لاھـــ
كيئن مان پليان آســـرو




گیت





0344 3919786
0300 3404488

Sahib Khan "SOORIH" Mirani



تنهنجي هٿ ۾ دل جي ڏور ،
زور آهين تون ساڄن زور .


منهنجي من جا ميت سدائين ،
تنهنجي آهي جيت سدائين ،
هوڏ هٺي چاهي ڪمزور، زور آهين تون ساڄن زور .

منهنجا جذبا تو ڏي ڊوڙن ،
ڳلي ڳلي ۾ توکي ووڙن ،
هوڏ هٺي چاهي ڪمزور، زور آهين تون ساڄن زور .

جاتي چوندين حاضر آهيان ،
آخر ڪار تنهنجو نوڪر آهيان ،
هوڏ هٺي چاهي ڪمزور، زور آهين تون ساڄن زور .

جڏهن بہ توکي ڏسندو آهيان ،
برف جيان مان ڳرندو آهيان ،
هوڏ هٺي چاهي ڪمزور، زور آهين تون ساڄن زور .





قسمت سانگي آيو آهين چنڊ وچڻ جي بات ،
ماسات منـي ذات ککڙ کُهہ تہ کائوڻ رات .
چنڊ وچڻ جي بات !


اڀ تي ڪارا ڪارا بادل چاڻ پئي برسات ،
ماسات منـي ذات ککڙ کُهہ تہ کائون رات.
چنڊ وچڻ جي بات !

تنهنجي آئي ساڻ ختم ٿيا سارا هي فڪرات ،
ماسات منـي ذات ککڙ کُهہ تہ کائوڻ رات.
چنڊ وچڻ جي بات !

منڙيون منڙيون ڳالهيون ڪريون جاڳي ساري رات
ماسات منـي ذات ککڙ کُهہ تہ کائون رات.
چنڊ وچڻ جي بات !

من ۾ عبد بنائي آهي تولڻ هڪ محلات ،
ماسات منـي ذات ککڙ کُهہ تہ کائون رات.
چنڊ وچڻ جي بات !






توڙي ڪڪڙ خريد ڪيم، اچ دل سان دعوت ٿئي ،
گڏ ماکي مکڻ به رکيم اچ دل سان دعوت ٿئي.
وڏ پنهنجي محبت ٿئي

اچ هار گلابن جا هٿ هاڻ سڪن ٿا پيا ،
ءِ نيڻ نماڻا هي تنهنجي راهه ڏسن ٿا پيا ،
ءِ کير به ڪاڙهي رکيم، اچ دل سان دعوت ٿئي.
وڏ پنهنجي محبت ٿئي

مون تنهنجي آجيان لئه ڪيئي دوست گهرايا هن ،
هن شهر جون سڀ گهٽيون تو لاءِ سجايا هن ،
رستن تي گلڙا چٽيم، اچ دل سان دعوت ٿئي.
وڏ پنهنجي محبت ٿئي

مسڪين جو عرض مڃي ڪر ڪرم ڪٽي پنهنجو ،
ڏس روز ازل کان ئي هي عبد آهي تنهنجو ،
سڀ تو تان صدقي ڪيم اچ دل سان دعوت ٿئي.
وڏ پنهنجي محبت ٿئي






جيون کـــــي جرڪائڻ وارا ،
ڪاٿـــي آهيـــن ڪاٿـــي پيارا.

توبـــن رســتن مرڪــڻ ڇڏيــو ،
باغ ۾ گلڙن ٽهڪـــڻ ڇڏيـــو ،
چتـــن چيهـــن چهڪـــڻ ڇڏيـــو ،
ويران ويران ٿـي ويـا چارا، ڪاٿـي آهيـن ڪاٿـي پيارا .

مـندن پـويان منـدون وريـون ،
ٻيـــر پڪـــا ۽ پڪيون ڦريون ،
ڪڏهن سا يار ڪچهريون ڪريون
ٿي ويا جت ڪٽ نينهن نظارا ڪاٿي آهين ڪاٿي آهين .

جذبـــا منهنجـــا ڳولن توڪـــي ،
سڏڪا منهنجا ڳولن تـو کـي ،
اڌمـــا منهنجـــا ڳولن توڪـــي ،
عبد سان ها ٿي ڇڏتون آرا، ڪا ٿي آهين ڪا ٿي پيارا .






قسمت سانگي آسو آهين ،
رات اڄوڪي ساڄن سائين ،
ترسي پئه تون ترسي پئه .

مس مس تيو آ منڙا ميلو ،
هاڻي نه ڇڏجان مون کي اڪيلو ،
پل تون وڃجان صبح سويلو ،
لوڪ تون مون تي چوڻو ڪلائين ،
ترسي پئه تون ترسي پئه .

ڪين وڃڻ مان توکي ڏيندس ،
ڇا به پلي ٿئي ڪين ڇڏيندس ،
روئي روئي پاند جهليندس ،
تڪڙ ڪندو تون آهين سدائين ،
ترسي پئه تون ترسي پئه .

عبد جون آزبون منٿون مڃ تون ،
ضد ڇڏي اڄ محب نه وڃ تون ،
شهر نه ڪر هي منهنجو سڄ تون ،
ڇو تو ستايل وري ستائين ،
ترسي پئه تون ترسي پئه .





پربان سڪ جون سڙڪيون ملي ڪير وانگر،
چڙهن پور تنهنجا سنڌوءَ وير وانگر.


اٿان نانءُ تنهنجو، گهمان نانءُ تنهنجو،
ويهان نانءُ تنهنجو، سمهان نانءُ تنهنجو،
اچي ياد تنهنجي صبح هير وانگر.

مٺيون منهنجيون ڳالهيون ڪڙيون تو لڳن ٿيون،
مگر تنهنجيون ڪڙيون بہ مونکي وڻن ٿيون،
زهر پانيان ماکيءَ جي تعثير وانگر.

پين جي ڪنڊن پي نہ مون کي ڏکايو،
مگر تنهنجعي گل آهي مون کي رنجايو،
لڳن تنهنجا طعنا تکي تير وانگي.

تو منهنجي وفا کي وساري ڇڏيو آ،
مون تنهنجي جفا کي بہ سانڍي رکيو آ،
جفا عبد مون لئہ آ جاگير وانگر.





تات جا تڙپي ترانا تن جي تارن ڇيڙيا ،
رات سپنن ۾ دوگانا، تن جي تارن ڇيڙيا .
من جي تارن ڇيڙيا


تون پري آهين برابر، روح گڏ تو سان سدا ،
تنهنجي يادن جا خزانا تن جي تارن ڇيڙيا .
من جي تارن ڇيڙيا

رات محفل هئي وڏي ۽ پيار پيا ساهئا گهڻا ،
پيار جا ڪيئي فسانا، تن جي تارن ڇيڙيا .
من جي تارن ڇيڙيا

تنهنجي يادن جا سدائين دل اندر ميلا متل ،
پيار الفت جاهي گانا ، تن جي تارن ڇيڙيا .
من جي تارن ڇيڙيا

من اڱڻ گدلو اُجاريو عبد جو آ تو اچي ،
گيت ٿورن جا روزا نا تن جي تارن ڇيڙيا .





سُرهي، سوچ ڪيان ٿو ويٺو،
گيت نڪور لکان ٿو ويٺو.

جهڙا ماٺو تهڙيون ڳالهيون،
چپ ٿي يار ٻڌان ٿو ويٺو.


نيٺ تہ موتي ايندين منڙا،
راهون روز ڏسان ٿو ويٺو.

ڪهڙا لفظ لکان جو پرچين،
قلم ڪٺي سوچيان ٿو ويٺو.

هڪڙي تنهنجي سر جي خاطر،
سڀ ڪجھ هاڻ سهان ٿو ويٺو.

گيت مون نانءُ ڪيا سڀ تنهنجي
عبد عهد مان ڪيان ٿو ويٺو.





اچو اچو وفا وٺو،
اوهان ڀلي جفا ڏيو.


ڇڏي ڏيون هي نفرتون،
اچو ڪيون ڪي قربتون،
محبتن ۾ فرحتون،
اوهان اچي ڪري ڏسو، اچو اچو.

دغا دغا ڪي در گذر،
ڪري ڇڏيون ڪري ڇڏيون،
ملون ڪلون، ڪلون ملون،
چوڻ اهو مڃو مڃو اچو اچو.

سڄڻ وصل جي رات ڏي،
حيات ۾ سوغات ڏي،
ڏکن کي ڏي سمات ڏي،
گذارشون مڃي وٺو اچو اچو

هي عبد جون گذارشون،
مڃو، اٿو، حقيقتون،
حياتي آهي ساعتون،
ڀلي اوهان سوچي ڏسو اچو اچو





آئي مند منڙي ملڻ لئہ مناسب ،
نہ گرمي نہ سردي اچڻ لئہ مناسب .
آئي مند منڙي

چمن ۾ بهارون ۽ گلڙا ٿا جهومن ،
عجب گيت ڪوئل ۽ بلبل ٿا ڳائن ،
اسان کي دوگانو ڳائڻ لئہ مناسب .
آئي مند منڙي

جمالي تي جهرمرون ٿيا شادمانا ،
آيا فرش تي اڄ خوشين جا زمانا ،
مبارڪ ڏيڻ ۽ وٺڻ لئہ مناسب .
آئي مند منڙي


بهارن ۾ گڏجي ڪيون ڪي بهارون ،
سيئي سور صد ماڪٽي اڄ وساريون ،
اهڙا ڏينهن آهن گهمڻ لئہ مناسب .
آئي مند منڙي

وڇوڙي کي گڏجي ڏيون مات هاڻي ،
ويهي عبد اوريون سڄي رات هاڻي ،
آهي رات جاڳڻ ۽ ويهڻ لئہ مناسب .
آئي مند منڙي



نظم






0344 3919786

0300 3404488

Sahib Khan "SOORIH" Mirani



اڳتي قدم وڌاءِ


سنڌڙي توکي سڏي ٿي

اڳتـي قدم وڌايـو + پنڪـو چـو تـا لڄايـو ،
سنڌي سيئي پائر ، ڪوئي نـہ ڪنهن ڪان بهتر ،
ڇڏيـو ڪٽـي هـي ٽولا ، چـو تـا وجهـو هـي رولا ،
يڪمشـت ٿيـو سـيئي ، گڏجـي وجـو مڙيئي ،
سنڌڙي توکي سڏي ٿي .

سـامي سـچل پتائي ، ڪـن تـا تـہ رهنمائي ،
شهباز جون صـــــدائون، بزرگ گهرن دعائون ،
هوشوتوڪـي سـڏي تـو ، چـا چـا پلا چوي تـو ،
مرسـون نـہ سنڌ ڏيسـون ، هرگـز اٿان نـہ وبسـون ،
سنڌڙي توکي سڏي ٿي .

جاڳـي وٺـو تـہ هاڻـي، چاتئي الائي صـبحاڻي ،
سـستي نـہ ڪراياٽـا سـمجهي ٿيـو سـياڻا ،
آيـو ٽئي وقـت آيـو، سـنبري ڪيـو ڪـو سـعيو ،
هي عبـد پڻ سپاهي ، هرگـز نـہ ڪندو ڪوتاهي ،
سنڌڙي توکي سڏي ٿي ،
سنڌڙي توکي سڏي ٿي .





هاري

هاري جو گذران، سدا آ حيران ،
مفلس جو انسان سدا آ حيران

ڌڙڪا وڏيري جا پيو کائي ،
پيو ٻانهي جو ڌڙ ڪڙڪائي
ڪڙو تنهن سان سينو ساهي ،
در جو آدربان، آ حيران .

سڏ، سان جيءَ چوي ٿو هر دم ،
ٻانهون ٻڌيو بيهي دم دم ،
چوي وڏيرا، ڪهڙو آ ڪم ،
حاضر آهيان خان آحيران .

هر هلائي ٻنيون ڪيڙي ،
سورن سان ٿو فصل سهيڙي ،
ان جو داڻو داڻو ميڙي ،
پوءِ به ته آ بي مان آحيران .

ٻني تي ٿو اچي وڏيرو ،
ميڙي وڃي ٿو سارو ڍيرو ،
ڏسندي سڙي وڃي ٿو جيرو ،
عبد اٿم ارمان آ حيران .



❊

ني ڏوهي پٽ

ــ مــار ادا تنهنجــي پــٽ آهــيان،
مان ڏوهي ناهيان بي ڏوهي آهيان،
پــل قسم ونــو ســوساک ونــو، مان ڪاري ناهيان مان ڪاري ناهيان


مون پوڙهــو مڙس قبول ڪيــو، جنيــن توهان چيــو بــس انيــن ٿيــو،
مونکي ڏور ڏکي جيان ڪڍي ڇڏيــو سوڪو هــن تــي پرڻائي ڏنــو.
مان مــن اندر ۾ روئندي رهيس، پــر حرف بــ هڪڙو ڪيــن ڪيس،
مون ســهربجن جــا مهڻــا ســنا، بــي حال آهيان ۽ ليڙون لتــا.
پــر پوءِ بــ توهان جــي مان آهيان
پــل قسم ونــو ســو ســاک ونــو

مونکــي ملڪيــت دولت ڪيــن ڪپــي، مون حقــن تان آ هــت ڪيــو،
جي پروسو مون تــي ناهي ڪٽي، مون کان هاڻي جو هاڻي لکائي ونو،
مونکي جيئڻ ڏيو مونکي جيئڻ ڏيو، پٽي جڏهن جي مان خيرات گهران،
اجهو هٿ تي ٻڌان اجهو هٿ تي ٻڌان
پلي قسم ونــو ســو ســاک ونــو.

ڪهڙا غيرت منــد آهيــو جــو، مظلوم نياڻــي ماريــو ٿــا،
اگ پيشانــي ڪــي چمندا هيــو، اڄ رت انهــي جــو هاريــو ٿــا،
اگ نياڻــي ســت قران هئي، اهــا رســم الائي ڪاڏي وئي،
اگ نياڻــي مبــر ڪــي مان ڏني ســت خون بــ بخشــي ڇڏيندا هــا،
مان ڳالهــ اهــا تــي ڪرڻ چاهيان
مان ڏوهي ناهيان بي ڏوهي آهيان

پــل قسم ونــو ســو ســاک ونــو،
مان ڪاري ناهيان مان ڪاري ناهيان





مايوس نہ ٿي

هي ڪاري رات ڪٽڻ تي آ، ۽ باک ٻہ هاڻ ڦٽڻ تي آ،
منزل ڄاڻ پڄڻ تي آ، مايوس نہ ٿي مايوس نہ ٿي.

تون ڏوريندو هل ڏوريندو هل، ماڳ تي پهچڻ مشڪل ناهي،
همت ٻڌا مدد مولا قول برابر سچو آهي،
ٻيڙي ڄاڻ پتڻ تي آ، مايوس نہ ٿي مايوس نہ ٿي.
منزل ڄاڻ پڄڻ تي آ، مايوس نہ ٿي مايوس نہ ٿي.


پير پٿون جي ٿي پون، تہ ٻہ وک وڌائي وڌندو رهہ،
تتي تڏي ۾ ويهڻو ناهي هوربان ڏاڍايان هلندو رهہ،
پيار شهر پڄڻ تي آ، مايوس نہ ٿي مايوس نہ ٿي
منزل ڄاڻ پڄڻ تي آ، مايوس نہ ٿي مايوس نہ ٿي


جيڪي گهڙيا سيني چڙهيا، پوئتي موٽڻ مهنو آهي،
اوکا رستا پار ڪري پو، پنهنجي ماڳ تي رستو آهي،
منزل هاڻي ملڻ تي آ، مايوس نہ ٿي مايوس نہ ٿي.
منزل ڄاڻ پڄڻ تي آ، مايوس نہ ٿي مايوس نہ ٿي.

جيسين ساهہ سندن ۾ آهي، سندو ڪي تون ڳائيندو رهہ،
سچ ۽ سونهن سان سات نڀائي سنگت خوب نڀائيندو رهہ،
آزاد عبد ٿيڻ تي آ، مايوس نہ ٿي مايوس نہ ٿي.
منزل ڄاڻ پڄڻ تي آ، مايوس نہ ٿي مايوس نہ ٿي.




ہائیکا






0344 3919786
0300 3404488


Sahib Khan "SOORIH" Mirani




ڪڏڪن ۾ پيالاب
اڄان أئين ڪينڪي
اکين آندو آب




ڪڏڪن ۾ آ ڳاهه
روئي روز نهاريان
ساجن تنهنجي راهه




گڏجي ڏوٽيون ٻير
سکي اءُ ڇجاڻي
ٻيري جلدي پير




ساوا ڦنا گاهه
ساوڻ آيو سپرين
آڻئي شال الله







خوشبن جي سرهاڻ
آنـــي اڏاري هــوا
چاڻ جو آئي پاڻ



رستا پيا مرڪن
تنهنجي آمد جو ٻڌي
گلڙا پيا ٽهڪن




رب وساءِ ٿر
اڃن منهنجا ماروئڙا
خالي آهن گهر




ٻاڙهي ويٺو ٻار
پوڙهي وڻ جي ڇانءَ ۾
مٽان ڪري ڏار







جاڳيس ڪين نصيب
ايڪيهين هن صدي ۾
هاري اڃان غريب




وڏيري جو پيٽ
اڃان ڀريو ڪينڪي
ڪتي توڙي چيٽ




ڪمند ۾ آچل
وني هاري ساڻ گڏ
پگهر ۾ آ شل




استاد جو رول
تعليم جي تباهي
خالي ٿيو اسڪول







استاد جي مار
خالي ڪيا اسڪول
ڪيئن اچن ٻار



استادن جو حال
پندرهين؁ ڪان پوءِ
ڏاڍو آبي حال




آهي ڇورو ٻار
تڏهن روئي عيد تي
وينو زاروزار




روئي گهٽي ۾
شايد ڇورو ٻار آ
لتڙيل مٽي ۾







ڪري پيو سوال
چوڪر مسجد در تي
هيٺا هُيس حال




وڏيري جا هٿ
ريتا رڳيل هن سدا
هاري جو تن رت




مٽي تي آيري
ڪڇ ۾ اٽس چوڪرو
ٻنيءَ تان آ وري




ڪو نہ اُيريو سج
جوڙو جوٽي آهليو
چٽو اٽس ٻج







قابو تي وبو پاڳيو
ڇتي وبو آ چور
صوبيدار ساڳيو



ڦاهي چڙهيو ساڌ
ڇتي وبو آ چور
ساڳيو آ بغداد




ظالم تپيدار
چئو ٽي وتي ڍل
ورتي اٽس ڪار




عبد جو آواز
هر ڪنهن ڏاڍ خلاف آ
حسيني انداز



چوستا





0344 3919786

0300 3404488

Sahib Khan "SOORIH" Mirani

تيـو تفسـيم مان آهيان حصـن ۾،
انوکي شينهن جي آيـس چنبـن ۾،
وجـن جذبـا اڏامـي دلربـا وٽ،
ٻڌو مون کـي پيـا ڇـا لئہ رسـن ۾.

مظلوم جو روپ ظالم وٺي، ڇاڪجي،
دوست کو دشمن ٿئي، ڇاڪجي،
ڏارين تي ميارون تہ هر کو ڏيندو آ،
پنهنجو تـي ڀاڙون پٽي، ڇاڪجي.

ظلم کـي خدا جـي رضـا چوان تــہ کيئن چوان،
ڪنهن تونگر کي گدا، چوان تہ کيئن چوان،
جنهـن سـتم عمـر پـر ڏناهـن مون کـي،
اُن جـي اُن ادا کـي وفـا چوان تــہ کيئن چوان.

سـيکو پـل منهنجـو ويري ٿئي،
پـر سـينڌ نـہ تنهنجـي ميري ٿئي،
چـپ اُچارن شاهــ جــي ٻولي،
تــيري ٿئـــي نــــہ ميري ٿئي.




وصل جو سال ٻي سيڪنڊ لڳي ٿو ،
هجر جي هڪ گهڙي ڄڻ هڪ صدي آ ،
چوي هر ڪو پيو عاشق ازل کان ،
نه مون هي عبد پنهنجي ڳالهه ڪئي آ .

برهه جي باهه جي مون کان نه پڇ تون ،
اهاتا ربخ ڏادي آ پراڻي ،
جلي ڪيئي ويا عاشق فنا ٿي ،
هيو ڪو راج راڻو، راڄ راڻي .

پلي هر ڪو رکي پيو وير مون سان ،
ٿين برباد جيجل جا ته وبري ،
ڪيان دوڏا انبوري سان اُنهي جا ،
ڪٿي جيڪو ٻه اک مادر ڏي ميري .

هر هڪ حڪم حاضر چئي ميٺو پوي ٿو ،
با ادب هُن جي اڳيان بيهٺو پوي ٿو ،
ڄڻ سبيل آهن سدا چپڙا منهنجا ،
ڪين هڪڙو حرف ٻي ڪچهٺو پوي ٿو .



ڦرن انگ اُبتا ڪٿان هاري سڌري ،
نہ پورهئي جي ميوا، ڪٿان هاري سڌري ،
ڏهن جا ڏهوٽا ٿا لڪجي وڃن پيا ،
ٿيا رئيس ڪُپتيا، ڪٿان هاري سڌري .

اڄان سيٺ جو پيٽ ڪاٿي آ ڀريو ،
پراڻن ٻڪن کي ڏسي ويٺو وريو ،
وڏيري سان ويهي پيو پهہ پچائي ،
ولوءَ جي بچت تي، نہ آهانءُ ڀريو .

ڌرتي جي غدار کي بخشي مڙس نہ آ ،
ظالم جابر اڳيان چُپ تي، مڙس نہ آ ،
ڀل ڪو پير، وڏيرو، يا ڪو مير هُجي ،
پاڻ کي عبد بنائي هار مڃي، مڙس نہ آ.

رُوز جي آهي عيد اسان جي ،
در تنهنجو ءِ ديد اسان جي ،
عبد اياڳ جا ڏينهڙا ويا ،
قسمت آهي سعيد اسان جي .




صبح هير وانگر سدا سار تنهنجي،
سنڌو وير وانگر، سدا سار تنهنجي،
ڇپي عبد سيني ۾ هر دم سدائين،
تکي تير وانگر سدا سار تنهنجي

نصيبن ۾ لکيل ٽري ڪو نه سگهندو ،
ويل وقت واپس وري ڪونه سگهندو ،
حياتي جا ڏينهڙا ويندو سيڪو ڪاٽي ،
قضا کان اڳي ڪو مري ڪونه سگهندو .


ڪي يار صدارت لئه محفل ۾ اچن ٿا پيا ،
ڪي خاص شرارت لئه محفل ۾ اچن ٿا پيا ،
ڳولڻ سان ليي پوندا، انسان صفا ٿورا،
جي روح ڪي راحت لئه، محفل ۾ اچن ٿا پيا .

محفل ۾ اديبن جي ڪل يوڳ تماشو آ ،
هو ڪرءِ وڃن تاڙيون ڏس باقي بچيو آ ڇا ،
آداب سيکارن جي، تن جي آ اها حالت ،
هي دور عجب آيو، واهه ڙي زمانا وا .



بیت





0344 3919786
0300 3404488

Sahib Khan "SOORIH" Mirani

محبت ۾ موج، نهن کڏهن ڪبنڪي،
راڙو ۾ روح، اوشاڻن ڪي عبد آ.

محبت ۾ سک، نهن کڏهن ڪينڪي،
دائم ملندا دک، محبت جي مريض کي.

عشق جي احوال جو عجب آهي قصو،
جي ڏکڙو پڌابان حصو، تہ عمرون ڪين عبد کي

محبت ۾ مزا، نهن کڏهن ڪينڪي،
سورن سندي سزا، قادر ڏئي نہ ڪنهنکي.

مندوري آ، تون بہ وري آ، ڪڻڪن ۾ ٿيا لاب،
اکڙين ۾ اشکن جو، آيو آ سيلاب،
سڄڻ آءُ شتاب، عبد تنهنجي آسري.

قدرن وارن جي قرب، گذرن باقي ڏينهڙا،
تہ پلا ٿين نصيب، عبد منهنجي عشق جا.

بي قدرن جي پاڙي کان، وڃي وسائج بر،
عبد پلا ڇا الفت ڪي، ڄاڻن سڄاڻن ڪر،
وڃ انهن جي در، جن جي ٻولي جيءَ آ.



لطيف جي نگري سان، جڏهن ٻه رڪيو وير،
مڃي پلي ڪير، پاڙون ويندس پنجي.

❁

لطيف جي نگري کي، منهنجو آهي سلام،
يار جو پيغام، ڏيئي ويو ڏيهه کي.

❁

لطيفي لات، هر دم پڙهو هيج سان،
عبد اُهي سوغات، ڏيئي ويو ڏيهه کي.

❁

دلبر ۽ ديس، ٻئي نه وسرڻ جهڙا،
عبد آهن اهڙا، راضي ويا روح ۾.

❁

دلبر ۽ ديس جي، سڪ اٿم ساڳي،
دل اُها نياڳي، جو نالو چيني ڄڻن جو.

❁

دلبر ۽ ديس، مور نه مون کان وسري،
ماڻهن سندو ويس، عبد آهي اڪين تي

❁

لطيفي سڄڻ سان، واسيل آهي ڏيهه،
توڙي وڃو پرڏيهه، هونديون لاتون لطيف جون.

❁



عبدالخالق عابد خوبصورت غزل، گيت ۽ نظم سرجيا آهن. ساڳئي وقت سنڌي شاعريءَ جي "جهومر" صنف ڪافي ۾ لکي اٿس. عابد پنهنجي ڪافيءَ ۾ اظهار ٿو ڪري ته: اَئون جو ڪجهه به آهيان، منهنجا محبوب تنهنجي ڪري آهيان.

- سيد مرتضيٰ ڏاڏاهي


عابد ڪنهن تعارف جو محتاج ناهي، ڇو ته جنهن شاعر کي جلال چانڊيو جهڙي جڳ مشهور فنڪار جهڙي تعداد ۾ ڳايو هجي، ان کي پلا وڏيڪ مشهوري جي ڪهڙي پرواهه. عابد بهتر کان بهتر جي تلاش ۾ سدائين محنت ۽ لڳاتار جاکوڙ جاري رکندو ۽ ٻوليءَ جي جهوليءَ ۾ نوان قبول وجهڻ لاءِ ڪنڊن جا عذاب ڀوڳڻ واسطي هر وقت تيار رهندو.

- راشد موراڻي

عابد صاحب هڪ مڪمل شاعر آهي. سندس شاعري فني ۽ فڪري اعتبار کان نهايت سگهاري آهي.

عابد صاحب جي شاعريءَ جو گهرائي سان مطالعو ڪنداسين ته اسان کي سندس شاعريءَ اندر شاعري جون سڀئي خوبيون ۽ مهارتون نمايان نظر اينديون. هن جي شاعريءَ ۾ موسيقيت جو درياهه موجزن نظر اچي ٿو.

- ڪوثر پرڙو



0344 3919786
0300 3404488
Sahib Khan "SOORIH" Mirani